عاشق مغيري

# يمن ۽ سعودي عرب چڪتاڻ

## يهودي شاهوڪارن جي سازشن کي

### سمجهڻ جي ضرورت

يمن مختلف قبيلن وارو ملڪ آهي، جتي قبيلن جي وچ ۾ جهڳڙا تاريخ جو حصو آهن، چاڪاڻ تہ ويڙهہ، قتل وغارتگيري ۽ جنگي جنون هميشہ انهن قبيلن جي سرشت ۾ موجود رهيو آهي، سعودي عرب ۽ يمن جي وچ ۾ هلندڙ موجوده چڪتاڻ قبيلائي ويڙهاند هجڻ سان گڏ علائقائي، ملڪي ۽ اندروني قوتن جي اقتدار جي جنگ آهي ۽ ان حقيقت کان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ان ويڙهہ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ فرقيواريت جو رنگ روغن پڻ چڙهيل آهي.

يمن جي موجوده صورتحال ملڪ جي اندروني قوتن جي اقتدار جي حصول لاءِ هڪ اهڙي ڀيانڪ خونريزيءَ جو منظر نامو پيش ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ملڪ، علائقا، قبيلا، فرقا ۽ باغي هٿيار بند گروپ پنهنجي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهن. ڀهريان تہ ان جنگ جي باري ۾ اهو تاثر ڏنو پئي ويو تہ يمن ۾ سعودي عرب ۽ ايران ۾ پراڪسي وار ٿي رهي آهي. جيڪڏهن ائين واقعي بہ آهي تہ ڇا دنيا ۾ پيش اچڻ وارو اهو منفرد واقعو آهي؟ ڇا هندوستان سريلنڪا ۾ دهشتگرديءَ جي باهہ نہ ڀڙڪائي هئي؟ ۽ ان ڀڙڪيل باهہ جي آڙاهہ ۾ هڪ طويل مدي تائين سريلنڪا پچندو ۽ پچرندو رهيو. ڪنهن بہ ملڪ اندر اقتدار جي حصول لاءِ تحريڪ هلائڻ، باغي گروپ پيدا ڪرڻ ۽ هٿيار بند تنظيمون ٺاهڻ ڪا نئين يا اڻ ٿيڻي ڳالهہ ناهي، ليڪن يمن ۾ مختلف اندروني قوتن جي اقتدار حاصل



ڪرڻ واري هيج ۽ پاڙيسري ملڪ سعودي عرب طرفان ڪجهہ ڌرين جي پشت پناهيءَ ۾ اهو ماحول جوڙيو پيو وڃي تہ اها اقتدار حاصل ڪرڻ واري جنگ دراصل شيعا سني جنگ آهي، خطي جي جنگ آهي يا عرب ۽ عجم جي جنگ آهي، پر باريڪ بينيءَ سان ڏٺو وڃي تہ اها جنگ عالمي سطع جي جنگي ماهرن سيزر، رچرڊ، نيپولين بونا پارٽ، اسٽالن، ڪلازي وٽز، ايڊولف هٽلر ۽ ڪيپٽن لڊل ايچ هارٽ جي روحاني پيروڪارن توڙي سياسي ۽ عسڪري شعبدي بازن جي مهارت ۽ فن جو واضع ۽ چٽو مظهر آهي. هيءَ جنگ يهودين جي منشا مطابق عالمي ميڊيا جو ڪمال آهي. هي عالمي سطح تي مسلم ملڪن خلاف ڪم ڪرڻ واري لابيءَ جو ڪرشمو آهي، جيڪا گلوبل سطح تي هڪ حڪومت قائم ڪرڻ واري هڪ نقاطي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي. هاڻي يهودي لابيءَ جي هٿن ۾ جڻ تہ علاءُ الدين جو چراغ اچي ويو آهي، پر آمريڪي راڪاس جي ڪلهن تي سوار يهودي لابيءَ جو اصل مقصد ۽ هدف ڪهڙو آهي؟ اچو تہ ان صورتحال جو مفصل نموني جائزو وٺون.

تاريخي طور تي اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ پهرين ۽ ٻي مهاڀاري عالمي جنگيون يهودين جي سازشن جو نتيجو هيون ۽ يهودين جي تاريخ شاهد آهي تہ اهي هميشہ ايرندڙ سج جي سلامي ڀريندا رهيا آهن، انڪري يهودين پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگين جي تجربي کان پوءِ پنهنجي عالمي قوت جو مرڪز لنڊن بدران واشنگٽن منتقل ڪيو ۽ ايرندڙ عالمي قوت جي سلامي ڀرڻ لڳا. جيڪڏهن تاريخي تناظر ۾ ڏٺو وڃي تہ ايڊولف هٽلر يهودين جي سازشن کي چڱيءَ طرح سمجهندو هو هٽلر يهودين جي خلاف جوابي ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو . جنهن جي اج تائين يهودي واويلا ڪندا اچن پيا، ايڊولف هٽلر مرڻ کان پهريان بہ اهم اڳڪٿيون ڪيون هيون. هٽلر چيو هو تہ يهودين کي مون ماريو آهي، ليڪن انهن مان ڪن کي مون ڇڏيو بہ آهي تہ جيئن ايندڙ دنيا کي ڄاڻي سگهن. ٻي ڳالهہ هٽلر اها چئي هئي تہ

منهنجو جرمن تباهه ٿي ويو . پر مان پنهنجي مخالفن جي لاءِ هڪ اهڙو دشمن ڇڏيون ٿو وڃان، جيڪو انهن لاءِ مون کان وڌيڪ سخت ۽ بي رحم ثابت ٿيندو. هٽلر جي مراد سوويت يونين هئي، هٽلر جي ان سازش کي انگريزن به ڄاڻي ورتو . پر مصلحت تحت انهن سرينڊر ڪيو هو ۽ يهودين جي ٺاهيل نئي عالمي مرڪز يعني واشنگٽن جي قوت کي تسليم ڪيو هو ۽ اهي اڄ به ان جا دست راست ٺهيل آهن. بهرحال آمريڪا هٽلر جي ٻي پيشن گوئي يعني سوويت يونين سان مقابلو ڪرڻ کي سنجيده اشو ٺاهي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته آمريڪا پنهنجي سرمائيدارٽي نظام کي بچائڻ گهري پيو، جڏهن ته سوويت يونين جو نظام اشتراڪيت يعني مزدورن جي پشت پناهيءَ تي مبني هو، ان ڪري آمريڪا سوويت يونين جي خلاف پروپيگنڊا مهم هلائي هئي .

جڏهن سوويت يونين ٽٽو ته آمريڪا دنيا جو اڪيلو سپر پاور بڻجي ويو . نيو ورلڊ آرڊر جون مرليون وڄائڻ شروع ڪيائين ۽ سندس ڪلهن تي سوار يهودي آمريڪا جي ٺاهيل منصوبي ۾ شامل هئا ۽ آهن.

ايران ۽ عراق وچ ۾ جنگ، عراق ۽ ڪويت جي جنگ ۽ يمن جي گهرو لڙائي ۾ سعودي ۽ ايران جو آمهون سامهون اچڻ، ان منصوبي جو حصو آهي ته پهريان مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهايو ته جيئن آمريڪا کي امن امان بحال رکڻ جي بهاني سان ملڪن اندر فوجون لاهي، مداخلت ڪرڻ جو موقعو مهيا ٿي سگهي. مذڪوره منصوبي جو هڪ پهلو اهو به آهي ته آمريڪا سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جي مانيٽرنگ صحيح طرح نه ڪري سگهيو. جيڪڏهن آمريڪا ان وقت پاڪستان سان ايٽمي پروگرام تي محاذ آرائي ڪري ها ته سوويت يونين جي سپر ميسي ختم ڪري نه سگهي ها. لهاذا پاڪستان ان موقعي جو فائدو وٺندي ريڊ لائين ڪراس ڪري، ايٽمي قوت بڻجي ويو.



هاڻوڪي صورتحال ۾ يمن جي اندروني صورتحال کي شيعا سني جو رنگ ڏنو پيو وڃي ۽ هڪڙي قسم جي ناسٽلجيا کي جنم ڏنو پيو وڃي، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر پاڪستان ٿيندو . ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ عظيم اڪثريت اهل سنت وارن جي آهي، لهاذا شيعا فرقو به خاصي تعداد ۾ موجود آهي. تازه ترين اطلاعن موجب ايران جو آمريڪا سان جوهري معاهدو ٿيو آهي، هاڻي ايران تان سموريون عالمي تجارتي پابنديون هٽايون پيون وڃن، هاڻوڪي صورتحال ۾ آمريڪا، ايران ڪارڊ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، اهڙين حالتن م جيڪڏهن پاڪستان، سعودي عرب کي فوج جي لاجسٽڪ سپورٽ ڪري ٿو ته مشڪلاتون اڃا به وڌي وينديون. پر جيڪڏهن پاڪستان، سعودي عرب جي درخواست کي رد ڪري ٿو ته جيڪي 25 لک پاڪستاني سعودي عرب ۾ برسر روزگار آهن، انهن جو ڇا ٿيندو؟ ان کان علاوه خليجي رياستن ۾ به بي شمار پاڪستاني ڪمائي رهيا آهن، اهي سمنڊ پار پاڪستاني 15 ارب ڊالرن کان وڌيڪ ناڻو پاڪستان موڪلين ٿا، جيڪو بند ٿيڻ سان پاڪستان معاشي عدم استحڪام جي ورچڙهي ويندو . ان ڪري هن وقت يمن ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ ۾ اسان کي ٻن پائرن کي ٺاهڻ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو . ڇو ته اها جنگ مسلمانن جي مجموعي مفادن وٽان هر گز ناهي، بلڪ ان جنگ ۾ يهودي ۽ عيسائي لابيءَ جا مستقل مفاد پوشيده آهن.

جيترو مسلم ملڪن وچ ۾ ڦڏو ۽ فساد جاري رهندو . اوترو اسلام دشمن قوتن کي امن امان قائم ڪرڻ جي نالي ۾ مسلم ملڪن جي اندر مداخلت ڪرڻ ۽ سرزمين تي قابض ٿيڻ جو موقعو ملندو . ان ڪري مسلم ملڪن جي حڪمرانن جيڪڏهن پنهنجون صفون درست نه ڪيون ۽ پاڻ ۾ سرحدي ديرينه عداوتون ختم ڪري ڪيرڪنڊ نه ٿي سگهيا ته آمريڪي مداخلت اڻ ٽر آهي، جنهن سان مسلم دنيا جو وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو ۽ ايندڙ وقت ۾ ان نقصان جو ازالو ڪرڻ پڻ مشڪل ٿي سگهي ٿو. زميني

حقيقتن جو ادراڪ حاصل ڪندي، موجوده حالتن ۾ انهيءَ خوفناڪ جنگ مان بچي نڪرڻ ممڪن نظر نه ٿو اچي.

هن وقت امت مسلمه جي لاءِ واحد رستو اهو ئي وڃي بچيو آهي ته ان عروة الوثقيٰ جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو وڃي، جيڪا ڪڏهن به ٽٽڻي ناهي ۽ ان هستيءَ کان مدد طلب ڪئي وڃي،جيڪا عليٰ ڪل شيءِ قدير آهي. چاڪاڻ ته الله تعاليٰ قرآن مجيد جي سورة آل عمران جي آيت نمبر 130۾ واضح حڪم فرمايو آهي ته (ياد رکو! نه همت هارجو نه ڪنهن به قسم جو غم ڪجو جيڪڏهن توهان صحيح ۽ سچا مومن آهيو ته توهان ئي باطل مٿان غالب رهندؤ) برعڪس ان جي مسلمان ملڪن وچ ۾ باهمي ڇڪتاڻ، تصادم ۽ خون ريزي انتهائي تشويشناڪ عمل آهي. جنهن سان امت مسلمه جو اتحاد ٽٽي رهيو آهي، آمريڪا، يورپ ۽ اسرائيل مسلمان ملڪن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ شيعا سني مسئلي کي هوا ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته يمن ۾ برپا جنگ حقيقت ۾ اقتدار جي رسه ڪشي ۽ قبائلي ڇڪتاڻ ئي آهي، جنهن کي اسلام دشمن قوتون شيعا سني جنگ بنائڻ لاءِ سرتوڙ ڪوششون وٺي رهيون آهن ته جيئن دنيا ۾ جتي جتي شيعا ۽ سني موجود آهن، اهي هڪٻئي جي قتل عام تي لهي اچن ۽ مسلمانن جو اتحاد ختم ٿي وڃي.

اڄ مسلم ملڪن جا حڪمران اسلام جي سلامتيءَ واري عالمگير پيغام کان بنهه غافل نظر اچي رهيا آهن. پوري مسلم دنيا ٽين عالمي جنگ جي خوفناڪ پاڇي هيٺان پساهه کڻي رهي آهي. اسلامي ملڪن جي فضائن ۾ بمبار طيارا ڦري رهيا آهن. تاريخي ماڳ کنڊرن جو ڍيڪ ڏئي رهيا آهن. هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جي خون جو پياسو بڻيل آهي. آفريڪا ۾ نائيجيريا، ليبيا، مالي، صوماليه کان وٺي مشرق وسطيٰ، فاٽا، وزيرستان، افغانستان مسلسل بمباريءَ جي بوءِ ۾ ساهه کڻي رهيا آهن. آمريڪي درون جهازن جي هيٺان هندو، عيسائي، يهودي يا برما جا خونخوار ٻڌو ڀڪشو نه ،



پر مسلمان نشانو بڻجي رهيا آهن. روزانو سون جي تعداد ۾ مسلمان مرد، عورتون ۽ ٻارڙا مارجي رهيا آهن. مسلم دنيا جي آمريڪي ڊالر جي هيراڪ حڪمرانن آمريڪي سي آءِ اي ۽ نيٽو جي رحم ڪرم تي ٻي يارو مددگار ڇڏي ڏنو آهي. آمريڪا جو مسلط ڪيل تيل جي قيمتن جو بحران ۽ جنگيون مسلمانن جي معاشي سگهه کي نهوڙي ناس ڪري رهيون آهي. هر پاسي دجاليت جو فتنو برپا آهي، هر طرف دجاليت جي حڪمن جي بجا آوري ٿي رهي آهي ان صورتحال ۾ خاص طور تي مسلمانن کي الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ قرآن مجيد ڏانهن هر طرح رجوع ڪرڻو آهي.

# جديد انسان ڇو واڻي تي

## يهودي نسل ڏاهي محمد اسد

## جا ذاتي روئداد ۽ مشاهدا

آئون سن 1900 ۾ پولينڊ جي هڪ يهودي ربي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هوس. ننڍپڻ جو زمانو (LOWOW) شهر ۾ گذريو جيڪو ان وقت آسٽريا جي قبضي ۾ هو. منهنجو ڏاڏو ربي ( يهودي مذهبي عالم ) هو ۽ سندس ڏاڍي خواهش هئي ته منهنجو پيءُ به ربي ٿئي، پر ائين نه ٿيو ۽ هو قانون جي تعليم حاصل ڪري وڃي وڪيل ٿيو. بابا سائين مون کي رياضي علم طبيعات پڙهائي، سائنسدان بنائڻ گهريو ٿي، پر آئون سندس اميد پوري ڪري نه سگهيس. ڇو ته منهنجي دلچسپي سائنس جي بدران عمرانيات ۾ هئي.

خانداني رواج مطابق مون کي ننڍپڻ ۾ عبراني ۽ آرامي ٻوليون سيکاريون ويون ۽ تالمود، بائيبل ۽ فارغور ( مذهبي ڪتاب ) جي تعليم ڏني وئي. پنهنجي محنت ۽ هوشياري جي ڪري آئون مختلف مذهبي ڪتابن جي وچ ۾ فرق تي بحث مباحثو ڪري سگهندو هوس.

1914ع ۾ جڏهن پهرئين عالمگير جنگ لڳي ته آئون اڃا اسڪولي شاگرد هوس. اسڪول مان ڀڄي نالو بدلائي وڃي فوج ۾ ڀرتي ٿيس. پر بابا سائين جي شڪايت تي ۽ گهٽ عمر هئڻ جي ڪري مون کي موٽائي ڇڏيائون. جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ويانا يونيورسٽي ۾ فلاسافي ۽ آرٽ جي شعبي ۾ داخلا وٺي پڙهڻ لڳس.

جيئن جيئن سمجهه وڌڻ لڳي، تيئن مون کي بي حد احساس ٿيڻ لڳو ته سارو يورپ هڪ زبردست روحاني پريشاني ۾ مبتلا آهي. مذهبي ۽ روحاني قدر ختم ٿيندا پئي ويا ۽ هر طرف دولت پرستي ۽ ماديت پرستي



ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وئي. هڪ اڻ ڏٺو خوف هر هڪ ماڻهو تي سوار هو. خاص طور تي نئين ٽهي ته ٻاڏ اونداهه ۾ ڀٽڪي رهي هئي.نوجوانن جا ذهن بيشمار پريشان ڪندڙ سوالن جا نمونو بنيل هئا. پر ڪو به ماڻهو اهڙو ڪونه ٿي ڏسڻ ۾ آيو جيڪو انهن جو حل ٻڌائي سگهي. ڊگهي ٿڪائيندڙ جنگ رهيل ڪسر به پوري ڪري ڇڏي هئي. هر طرف معاشي پريشانيون ۽ سماجي ڏڦيڙ هو جنهن يورپي انسان کي هڪ اهڙي خلا، ۾ ٽنگي ڇڏي هو، جتي بي يقيني، نفسانفسي، خود غرضي، ٻئي جي پوڄا ۽ عارضي لذت پرستي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. آئون اڪثر سوچيندو هوس ته ڇا انسان جي احتياج فقط ماني آهي. يا زندگي جو مقصد فقط حيواني خواهشون پوريون ڪرڻ آهي. مون ڏٺو پئي ته يورپ فقط مادي ترقي سان پنهنجي روحاني خلاءِ کي پرڻ چاهي ٿو جڏهن ته اهو علاج جو طريقو ته مورڳو بيماري يعني بي اطميناني ۽ بيقراري کي ويتر وڌائيندو پئي ويو. اهي سموريون حالتون اکين سان ڏٺم پئي، پر ذهن ۾ ڪڏهن به ڪو اهڙو خيال نٿي آيو ۽ شايد مون وانگر ڪو ٻيو به ان سلسلي ۾ سوچڻ کان محروم هجي يعني ته يورپ جي ثقافتي تجربن جي ٽيڪ ڇڏڻ کانسواءِ انهن سوالن جو جواب ملڻ ممڪن آهي يا نه؟ ڇو ته يورپ ئي اسان جي فڪر جي شروعات به هو ته پڇاڙي به هو.

منهنجي بي اطميناني ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وئي، تانجو پنهنجي تعليم جاري رکڻ مشڪل ٿي پئي. مون يونيوسٽي کي ڇڏي ڏيڻ ۽ صحافت جي ميدان ۾ قسمت آزمائڻ جو فيصلو ڪيو تنهن ڪري 1920ع ۾ ويانا ڇڏي پراگ هليو ويس.

پراگ ۾ مون کي ڪيترا ڏينهن بيروزگار رهڻو پيو ڪڏهن ڪڏهن لنگهڻ به ڪڍڻو پيو. هڪڙي خبر ايجنسي"يونائيٽيڊ ٽيليگراف نيوز ايجنسي“۾ پهريائين ٽيلي فونسٽ ۽ پوءِ رپورٽر بنجي ويس. اهڙي طرح لڳاتار جدوجهد کان پوءِ نيٺ صحافتي دنيا مون کي قبول ڪري ورتو.

پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن منهنجو سڪون ختم ٿيندو ويو. ڇو ته مون کي پنهنجي زندگي جو مقصد ئي معلوم ڪونه هو ۽ خبر نه ٿي پيم ته سچي ذهني خوشي مون کي ڪيئن ۽ ڪٿان ملي سگهي ٿي؟ منهنجن گهڻو ڪري سڀني نوجوان دوستن جي به ساڳئي حالت هئي، جيتوڻيڪ کين زندگي جون گهڻيون سهولتون ميسر هيون. تنهن ڪري به حقيقي اطمينان ۽ سڪون کان سڀئي محروم هئاسين. رهي رهي احساس ٿيندو هو ته اسين ڪنهن اهڙي انڌي جهنگ ۾ سفر پيا ڪريون، جنهن ۾ جهنگلي جانورن جو به ڊپ آهي ته صحيح گس جي به خبر ڪانهي.

منهنجو مامون ڊوريان، بيت المقدس جي هڪ اسپتال ۾ وڏو آفيسر هو. 1922ع جي موسم بهار ۾ مون کين خط لکيو. جواب ۾ مامي مون کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ چيو. آئون به تيار ٿي ويس ۽ اچي مصري بندرگاهه اسڪندريا تي لٿس ۽ اسڪندريا کان بيت المقدس تائين سفر ريل ۾ ڪيم.

اسان جي ٽرين صحرا سينا مان لنگهي رهي هئي، جيتوڻيڪ ڏاڍو ٿڪل هوس، پر ٽرين ۾ گوڙ سببان ساري رات ساعت کن لاءِ به اک ڪانه لڳي سگهي. منهنجي سيٽ جي سامهون واري سيٽ تي هڪڙو عرب بدوي ( ڳوناٺو ) ڊگهو ڪارو جبو ويڙهيل ويٺو هو. پاسي کان تلوار رکيل هيس، جيڪا مٿي کان گوڏن تائين ڊگهي هئي، وٽس هڪڙو مفلر به هو. پر ان هوندي به هو سيءَ کان ڏڪيو پئي.

صبح جو ٽرين هڪ ننڍي اسٽيشن تي لوڏي سان بيهي رهي. بدوي مفلر لاٿو ته پهريون دفعو مون سندس منهن ڏٺو. منهن ۾ ڏاڍو دٻاءُ هوس. پڪو سانورو هو. هن اسٽيشن تي گهورڙئي کان هڪڙي ماني ورتي ۽ پنهنجي جاءِ تي ويٺي ويٺي ماني جا ٻه اڌ ڪيائين. هڪڙو پاڻ رکيائين ۽ ٻيو مون کي ڏيڻ لاءِ هٿ ڊگهو ڪيائين. منهنجي طرفان ماني وٺڻ ۾ دير ۽ عجب تي هو مشڪيو. سندس منهن جي مرڪ به ايتري ئي شانائتي هئي، جهڙو سندس منهن جو رعب هو. هن وات مان هڪڙو لفظ چيو. جيڪو ان وقت ته آئون



ڪونه سمجهندو هوس، پر هاڻي سمجهان ٿو. ”تفضل“ يعني ”سائين کائو! “ مون سندس هٿ مان ماني جو ٽڪرو ورتو ۽ مٺو لوڏي سندس شڪريو ادا ڪيم. گاڏي ۾ ويٺل ٽيون مسافر يورپي لباس ۾ ترڪي ٽوپي سان هو. هن اسان ٻنهي جي وچ ۾ ترجماني جو ڪردار ادا ڪيو ۽ جهڙي تهڙي انگريزي ۾ مون کي ٻڌايائين ته هيءُ چوي ٿو ته ” توهان به مسافر آهيو ۽ آئون به مسافر آهيان ۽ ٻنهي جو رستو به ساڳيو آهي.“

هن معمولي ڳالهه تي جڏهن به سوچيندو آهيان، تڏهن دل چوندي آهي ته عربي اخلاق سان منهنجي محبت جو اصل بنياد اتان ئي پيو. هن بدوي جي اخلاق ۾، جنهن اڻواقفيت جي سڀني پردن هوندي به پنهنجي سفري ساٿيءَ کي پنهنجي مانيءَ جو اڌ ڏنو هو. انسانيت جي هڪ اهڙي تصوير ۽ جهلڪ هئي، جيڪا خوشامد ۽ منافقت کان بالڪل پاڪ هئي.

ريل گاڏي غزه پهتي ته منهنجي بدوي ساٿيءَ پنهنجو سامان ويڙهيو ۽ نهايت باوقار نموني مرڪندي مٺو لوڏي، مون کي سلام ڪري، هيٺ لهي ويو. ٻاهر پليٽ فارم تي هن جي آجيان لاءِ به بدوي بيٺا هئا، جيڪي هن سان وڏي حب سان گڏيا، هٿ ڏيڻ کان پوءِ هڪ ٻئي کي ڳلن تي چميون به ڏنائون، مون خلوص ۽ محبت جو اهو نظارو ڏٺو پئي، ان وقت دل ۾ اهڙن ماڻهن جي اٿ ويهه بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي زبردست خواهش پيدا ٿي. بيت المقدس ۾ پنهنجين اکين آڏو اهڙا نظارا عام جام ڏٺم، جيڪي منهنجي لاءِ بالڪل نوان هئا. روحاني تڪليفن ۽ روحاني زخمن کان بالڪل ناواقف، اهي زخم جن خوف، خود غرضي، گهٽ جو عذاب نجي مغربي زندگيءَ جو منهن ئي ڦٽائي ڇڏيو آهي. مون عربن ۾ اهي ڳالهيون ڏٺيون، جن جي غير شعوري طرح ۾ هڪ خاص قسم جو جذباتي لطف ۽ بلند ترحسي شعور ڇئي سگهون ٿا. هتي مامي جي گهر جي بالڪل سامهون ڪشادي ٿلهي تي عربن کي ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا نماز پڙهندي ڏسندو هوس. انهن جي شانائتي ۽ باوقار اٿ ويهه ۽ سندن زبردست ڊسيپلن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. مون ان

جي امام سان بہ ملاقات ڪئي ۽ سچ پڇو تہ اسلامي عبادت جي طريقي بابت ساڻس ڳالهہ ٻولهہ منهنجي لاءِ اسلام جو دروازو کوليو. البتہ ان وقت آئون سوچي بہ ڪونہ ٿي سگهيس تہ ڪڏهن اسلام منهنجو دين بنجي ويندو.

1922ع جي پڇاڙي ڌاري جرمني جي هڪ اخبار فرانڪفرٽر مون کي وچ اوڀر ۾ پنهنجو گشتي نمائندو مقرر ڪيو ۽ اهڙي طرح مون کي ٻين ملڪن جي سير جو بہ موقعو مليو. ان سلسلي ۾ پنهنجي فرض ادائي ڪندي مون کي عربن جي زندگي ۽ مسئلن کي وڏيڪ گهرائي سان سمجهڻ ۽ پرکڻ جو وجهہ مليو ۽ مون بالڪل غير جنبداري سان محسوس ڪيو تہ يورپ جون سموريون طاقتون هيڪانديون مسلمانن تي ظلم ڪري رهيون آهن ۽ کين مذهبي، تهذيبي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي طرح تباهہ ڪري، سندن عزت ۽ خود داري ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهن. خاص طور تي فلسطين ۾ عربن ۽ يهودين واري معاملي ۾ انگريزن جي پاليسي سراسر غير انساني ۽ بين الاقوامي بدديانتي تي مبني آهي.

1923ع ۾ آئون مصر هليو آيس. گذر سفر لاءِ مون کي اڌ ڏينهن جي نوڪري ملي ويئي ۽ رهڻ لاءِ هڪڙي قديم محلي ۾ هڪڙو ننڍڙو گهر بہ ملي ويو. منهنجي گهر جي بالڪل آمهون سامهون سنهڙن منارن سان هڪڙي ننڍي مسجد هئي، جنهن ۾ پنج وقتي نماز لاءِ بانگ ٿيندي هئي. اڃي هرک جي پڳ سان هڪڙو ماڻهو مناري تان الله اڪبر، الله اڪبر__ اشهد ان لا اله الا الله جي صدا بلند ڪندو هو. آواز ۾ ڏاڍو سوز هوندو هوس، پر آواز رعبدار بہ هو. صاف محسوس ٿيندو هو تہ اهو آرٽ يا فنڪاري نہ، پر ايمان ۽ غيرت جو جوش آهي، جنهن اذان ۾ ايڏو حسن پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اهو بہ اندازو ٿيو تہ بيت المقدس ۽ مصر ۾ اذان ڏيڻ جو ساڳيو لهجو آهي ۽ نہ رڳو مصر ۽ بيت المقدس، پر ساري اسلامي دنيا ۾ ساڳئي طرز هلندڙ آهي. نيٺ ان نتيجي تي پهتس تہ مسلمانن جو اندروني اتحاد، يڪسانيت ۽ هم آهنگي ڪيڏي نہ گهري آهي ۽ انهن کي ٽوڙڻ ۽ ٽڪر



ڪرڻ واريون شيون ڪيتريون نہ بي اثر، مٿاڇريون ۽ مصنوعي آهن. مون کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو تہ مون هڪ اهڙي سوسائٽيءَ ۾ قدم رکيو آهي، جتي انسانن جي وچ ۾ لاڳاپا، اقتصادي مصلحتن يا رنگ ۽ نسل تي مدار نٿا رکن، پر انهن کان ڪيئي ڀيرا وڏيڪ گهرا مضبوط ۽ جٽادار ڪنهن ٻيءَ شيءِ تي رکيل آهن. اها شيءِ هئي زندگيءَ بابت سندن هڪجهڙا خيال، انهن هڪجهڙن خيالن، انسانن جي وچ ۾ لاتعلقي جي پردن کي پٽي ختم ڪري ڇڏيو آهي.

1923ع جي اونهاري ۾ آئون وري موٽي بيت المقدس آيس ۽ اتان وري دمشق ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيم. بيت المقدس ۾ اڳي منهنجي ملاقات هڪ دمشقي استاد سان ٿي هئي، جنهن مون کي دمشق اچڻ لاءِ چيو هو. مون کي عربن جي اندروني اطمينان ۽ سڪون جو اصل سبب معلوم ٿيو. اهو سندن هلت چلت ۽ هڪ ٻئي سان ورتاءَ جو نتيجو هو. جيڪو هو هڪ ٻئي سان عام طرح رکندا هئا. اهڙا واقعا اڪثر ڏسندو هوس تہ هڪ دڪاندار پنهنجي پرواري دڪاندار جي غير حاضري ۾ جنهن ايثار ۽ ايمانداري سان سندس ڪم ڪندو هو، سو حد درجي حيرت انگيز هو. ويڪرن جبن ۾ اهي ماڻهو ڏاڍا باوقار ۽ سنجيده هئا، فضول ۽ اجايون ڳالهيون نہ ڪندا هئا. خودداري ۽ نياز نوڙت سان گڏو گڏ ڏاڍا حساس پڻ هئا.

جمع جي ڏينهن دمشق ۾ زندگيءَ جو نقشو خاصو بدليل ڏسڻ ۾ ايندو هو. خوشي ۽ مسرت جو رعب ۽ وقار جي گڏيل فضا شهر ۾ ڇانيل هوندي هئي، ان ڏينهن تي مون کي يورپ جو آچر ياد اچي ويندو هو. خالي مڪان، گهُٽ ۽ اداس ماحول. غور ڪيم تہ ان نتيجي تي پهتس تہ يورپ ۾ روزمره زندگي ماڻهن لاءِ ڳرو بار ٿي پئي آهي، جنهن کان هو آچر ڏينهن ڇوٽڪارو حاصل ڪن ٿا ۽ بيدلي سان خوشي ماڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو هڪ فريبي پل ۾ ڦاٿل آهن، جنهن لاءِ هو هفتي جا ڇهہ ڏينهن ڪمن کان جند ڇٽڻ جو ڏينهن نہ آهي. هو صبح جو دڪان کوليندا آهن، پوءِ نماز پڙهڻ

لاءِ دڪان بند ڪري ڇڏيندا آهن. نماز کان پوءِ قهوه خانن ۾ ڪجهه دير ويهي، ڪچهري ڪندا آهن ۽ پوءِ وري وڃي ڪاروبار ڪي لڳندا آهن.

هڪ جمعي تي آئون پنهنجي مهمان نواز دوست سان گڏجي اموي جامع مسجد ويس. قيام، قعود ۽ رڪوع، سجود ڪندي ماڻهن ۾ مون جيڪو خشوع، خضوع ڏٺو ۽ ڪين امام جي اقتدا ڪندي ڏٺو، تنهن مان مون کي خدا ۽ دين سان ماڻهن جي محبت جو اندازو ٿيو. نماز انهن ماڻهن جي زندگي کان ڌار ڪا شيءِ محسوس نٿي ٿئي. نماز زندگي کي وسارڻ لاءِ نہ، پر خدا جي يادگيري کي زندگيءَ ۾ شامل ڪرڻ ۽ خدا کي بهتر نموني ياد ڪرڻ لاءِ پڙهندا آهن.

مسجد کان ٻاهر نڪري مون پنهنجي دوست کي چيو تہ ”ڪمال آهي! جو توهين خدا کي ايتري قدر پنهنجي ويجهو سمجهو ٿا. منهنجي دل گهري ٿي تہ آئون بہ خدا کي پنهنجي ايترو ويجهو محسوس ڪريان“. ”هائو چو نہ“ منهنجي مهمان نواز ميزبان جواب ڏنو. ”ان کان سواءِ ٻي واٽ بہ تہ ڪانهي. خدا پاڻ چوي ٿو تہ آئون توهان جي شهہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهيان.“

هن نئين احساس ۽ نئين فڪري دريافت مون تي ڏاڍو اثر ڪيو. سو جيترا ڏينهن دمشق ۾ هوس، پنهنجو گهڻو تڻو وقت اسلامي ڪتابن پڙهڻ ۾ خرچ ڪيم. عربي زبان جي ٿوري ڄاڻ تہ حاصل ٿي چڪي هئي. قرآن مجيد جي جرمن ۽ فرينچ ترجمن کان مدد بہ ورتي هيم. دوستن سان بہ گفتگو ڪندو رهندو هوس، نتيجو اهو نڪتو ، جو منهنجي اکين تان پردو لهندو ويو ۽ منهنجي لاءِ هڪ اهڙي فڪري دنيا واضع ٿيندي ويئي، جنهن کان آئون هن کان اڳ بالڪل اڻواقف هوس.

اسلام منهنجي آڏو هڪ روايتي ۽ رواجي مذهب کان وڌيڪ هڪ نظام زندگي وانگر ظاهر ٿيو. هي منهنجي لاءِ هڪ لاهوتي سٽاءَ کان وڌيڪ شخصي ۽ اجتماعي هلت چلت جو پروگرام ۽ نظام محسوس ٿيڻ لڳو، جنهن جو مدار خدا پرستيءَ تي آهي. مون سڄي قرآن ۾ ”ڇوٽڪاري“ جو



تصور نہ ڏٺو. هتي موروثي گنهگار هجڻ جو تصور بہ ڪونہ هو. جيڪو انسان ۽ سندس تقدير جي وچ ۾ روڪ ٿي پيو هجي. هتي هي لکيل آهي تہ ليس للانسان الا ما سعيٰ يعني ماڻهو جهڙي ڪوشش ڪندو تهڙو ڦل ملندس، مطلب تہ جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي. اسلام رهبانيت اختيار ڪرڻ يا پنهنجي فطرت کي ماري ڇڏڻ جو طلبگار نہ آهي، جو سمجهجي تہ ائين ڪرڻ سان شايد ڪا طهارت ۽ پاڪائي حاصل ٿئي. اسلام جي نظر ۾ طهارت ۽ پاڪائي تہ انسان جو بنيادي حق آهن ۽ گناهہ انسان جي ايجابي فطرت جي هڪ غلط روش جو نالو آهي. انساني فطرت کي ورهائي نٿو سگهجي، ڇو تہ روح ۽ جسم گڏجي هڪ مڪمل ۽ صحيح يونٽ بنائين ٿا.

شروعات ۾ اهو ڏسي آئون ڪي قدر پريشان بہ ٿيس تہ قرآن زندگي جي ڪن، بظاهر ننڍن شعبن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو ، پر پوءِ اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ اچي ويئي. ظاهر آهي تہ انسان روح ۽ جسم جو هڪ مجموعو آهي تہ پوءِ سندس زندگي جي ڪنهن بہ شعبي کي ڪيئن نظرانداز ڪري ٿو سگهجي. مون اهو بہ ڏٺو تہ قرآن اها ڳالهہ هڪ لحظي لاءِ بہ نٿو وساري تہ هي دنيا بهر حال انساني ترقي جي سفر جو هڪ اهم مرحلو آهي. دنيائي خوشحالي قرآن جي نظر ۾ جائز ۽ سٺي شيءِ آهي، پر بذات خود اها مطلوب ۽ مقصود ڪانهي. تنهنڪري انسان جي نفساني خواهشن کي اهميت ۽ ضرورت هوندي بہ اخلاقي احساس جي پيٺ ۾ دٻايو ٿو وڃي. اسلام جي نظر ۾ اخلاقي احساس رڳو خدا ۽ بندي جي وچ ۾ محدود نہ هئڻ گهرجي، پر ان کي انساني تعلقات تي بہ حاوي هئڻ گهرجي. ان جو مقصد فقط هڪ ماڻهوءَ جي روحاني ترقي ۽ تڪميل نہ آهي، پر سوسائٽي ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ آهي، جنهن ۾ رهي ڪري، ٻين انسانن لاءِ بہ روحاني ترقي ۽ واڌاري جا موقعا پيدا ٿين ۽ جنهن ۾ رهڻ وارا سمورا انسان مڪمل ۽ پرسڪون زندگي گذاري سگهن. مون محسوس ڪيو تہ روحاني مسئلن ۾ قرآن جو طريقو قديم زماني جي طريقن کان وڌيڪ گهرو آهي. اسلام ۾ ڪنهن بہ

خاص قوم جي طرفداري ڪيل ڪونهي. دنياوي مسئلن ۾ قرآن جو طريقو جديد زماني جي طريقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر ۽ اعليٰ آهي. هن جي نظر ۾ روح ۽ جسم، انساني زندگي جا ٻه اهڙا رخ آهن، جيڪي هڪ جهڙا اهم آهن. مون پنهنجي دل کا پڇيو ته ائين ته نه آهي جو اسلام جي تعليم مون کي ان قلبي اطمينان ( EMOTIONAL SECURITY ) جي ڪري سڃي لڳي، جيڪو مون کي عربن سان گڏ رهندي حاصل ٿيو آهي؟

1923ع جي سرءُ ۾ آئون يورپ موٽي ويس. يورپ جا منظر هاڻي مون کي اوپرا اوپرا پئي لڳا. هاڻي مون کي هتي جا ماڻهو مڪروهه ۽ پسمانده ڏسڻ ۾ پئي آيا. انهن جا ڪم جڏا ۽ اجايا پئي نظر آيا، جڻ انهن ۾ شعور جو نالو به نه آهي. جيتوڻيڪ هتي جا ماڻهو ظاهر ائين ڪندا هئا ته هر ڪم نهايت شعور ۽ عقلمندي سان ٿا ڪن. پر حقيقت ۾ اهي ڪنهن به مقصد ۽ نصب العين کان سواءِ انڌن وانگر پئي ڀٽڪيا. مون هڪ ڀيرو وري عيسائيت جو مطالعو شروع ڪيو ۽ پنهنجي طرفان سمجهڻ جي پوري ڪوشش ڪيم، پر مون کي جلد ئي مايوسي ٿيڻ لڳي. ڏٺم ته عيسائيت، روح ۽ جسم يا عقيدي ۽ عمل جي ميدان ۾ هر هڪ کي ڌار ڌار رکي ٿي ۽ ان ۾ اڄوڪي انسان لاءِ ، جيڪو اڪيچار مسئلن جو شڪار آهي، ڪابه رهنمائي نه آهي .

1924ع جي موسم بهار ۾ آئون "فرانڪفرٽر"جي طرفان وري مصر آيس. هينئر صحافتي دنيا ۾ آئون چڱو خاصو مشهور ٿي چڪو هوس ۽ منهنجي مضمونن لاءِ هڪ خاص مقام پيدا ٿي چڪو هو. ان ڪري مون کي وڏين وڏين رقمن جي عيوض ڪم ڪرڻ جون آڇون اچڻ لڳيون. مصر ۾ پهچندي ئي رمضان جو چنڊ ڏٺو ۽ لڳاتار سڄو مهينو هر هنڌ هڪ خاص قسم جو پاڪ ۽ مقدس ماحول ڇانيل هو. نماز کان پوءِ روزن جي حڪمت تي جيترو به غور ڪندو هوس، ايترو اسلام جي عظمت جو قائل ٿيندو پئي ويس. ان سلسلي ۾ الازهر يونيورسٽي جي هڪ نوجوان عالم شيخ مصطفيٰ



المراغي سان تفصيلي گفتگو ڪيم. هن بالڪل کولي ٻڌايو ته موجوده مسلمان، اسلام جي اعليٰ تعليمات ۽ اصولن کان هٽي ويا آهن ۽ اها هڪ وڏي غلطي چئبي، جو محمد (صلي الله عليہ وسلم ) جي پيغام کي اسين اڄوڪن مسلمانن جي اخلاقي ۽ فڪري حالت کي ڏسي پرکيون. ساڳئي طرح اها به هڪ غلطي چئبي، جو اڄوڪن عيسائين جي طرفان محبت ۽ رواداري جي برخلاف ڪمن کي ڏسي، اسين حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي محبت ڀرئي پيغام کي ڏوهي سڏيون.

شيخ مراغي ڪابه ڳالهه لڪائڻ ڇپائڻ کان سواءِ ٻڌايو ته اڄوڪن مسلمان عالمن مان گهڻا تڻا لڪير جا فقير آهن ۽ انهن ۾ دين لاءِ سچو جوش جذبو ختم ٿي چڪو آهي. اهوئي بنيادي سبب آهي، جو اڄ مسلم ملت زوال هيٺ اچي چڪي آهي.

قرآن جو جيترو مطالعو آئون ڪري سگهيس، عربن جي معاشرتي زندگيءَ جو جيڪو مشاهدو مون ڪيو هو ۽ وري هاڻي جو شيخ المراغي سان کلي طرح گفتگو ڪيم، تنهن مان ان نتيجي تي پهتس ته يورپي ماڻهن جي دماغ ۾ اسلام جي جيڪا تصوير آهي، سا بالڪل غلط ۽ بگڙيل آهي. هاڻي مون کي اطمينان ٿي ويو ته اسلام ۾ بحيثيت دين ۽ ضابطہ حيات جي ڪوبہ نقص نه آهي. البتہ مسلمانن جو زوال، اسلام جي ڪنهن ڪمزوري جي ڪري ڪونهي، پر اسلامي تعليمات تي عمل نہ ڪرڻ ڪري آهي.

دل مطمئن ٿيڻ کان پوءِ مون عربي ٻولي جي باقاعدي تعليم وٺڻ شروع ڪئي. مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته يورپ وارن کي اسلام جي اصل صورت ڏيکارڻ ناممڪن نه آهي. اهو خيال مون کي مهينا اڳ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ به ظاهر ڪيو هو. اسلامي دنيا ۾ اجا يورپي تهذيب ايتري گهٽي ڪانه آئي آهي، جو اسلام کي سمجهڻ ڏکيو هجي. مون محسوس ڪيو ته جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ماضي جي فڪري عادتن کان هٽي

ڪري ۽ اهو تسليم ڪري تہ فقط سندس خيال ئي سچا نہ آهن، تہ پوءِ اسلامي دنيا هن لاءِ قابل قبول ٿي سگهي ٿي .

1925ع جي پڇاڙي ڌاري آئون هرات کان ٿيندو ڪابل وڃي رهيو هوس. مرڪزي افغانستان جا جبل برف سان ڍڪيل هئا. انهن ماٿرين جا حسين منظر دل دماغ تي جادوئي اثر ڪري رهيا هئا. آئون انهن منظرن ۾ گم هوس تہ اوچتو منهنجو گهوڙو منڊڪائڻ لڳو. ڏٺم تہ نعل ڍلو ٿي ويو هوس ۽ فقط ٻن ڪلين تي اٽڪيل هو. منهنجي افغان ساٿي ٻڌايو تہ ٿي ميل پري "ده زنگي" ڳوٺ آهي، اتي ڪو موچي ملندو ۽ نعل هٽائي سگهبو. اتي هزارجات علائقي جو گورنر بہ رهي ٿو .

"ده زنگي" ۾ صوبي جي حاڪم سان ملاقات ٿي. هو ڏاڍو خوش ٿيو. هن جي منهن مان ڪشاده دلي ۽ خوشي بکي رهي هئي. هو امان الله شاه جو ويجهو مائٽ هو پر افغانستان ۾ جيترن ماڻهن سان آئون مليس، تن سڀني کان وڌيڪ هي ماڻهو رلڻو ملڻو ۽ نياز نوڙت وارو هو. هن زور ڪري مون کي بہ ڏينهن پاڻ وٽ رهايو. ٻئي شام جو بهترين دعوت ڪائي واندا ٿياسين تہ ڪچهري ۾ هڪ افغان، ستار تي دائود ۽ جالوت جو قصو ڳائڻ شروع ڪيو. گيت پشتو ۾ هو. حاڪم مون کي سڄو قصو مختصر ڪري ٻڌايو ۽ آخر ۾ تبصرو ڪندي چيائين تہ " دائود ڪمزور هو پر سندس ايمان طاقتور هو. "

تنهن تي مون ٺهہ پهہ چيو:ـــ

" ان جي برعڪس توهين تعداد ۾ گهڻا آيو پر ايمان ۾ ڪمزور آهيو. " منهنجو مهمان نواز مون کي تڪڻ لڳو. آئون گهبرائجي ويس ۽ پنهنجي ڳالهہ کي وزن وٺائڻ لاءِ سوال ڪرڻ لڳس،مسلمانن مان خود اعتمادي ڇو ختم ٿي ويئي آهي؟ انهن جي عظمت ڇو ڪارانجي وئي آهي؟ انهن جون علمي ۽ فني صلاحيتون ڇو ڪمزور ٿي ويون آهن؟ ڇا اهو ممڪن نہ آهي تہ مسلمان همٿ ڪري، وري پنهنجي عاليشان دين ڏانهن موٽي وڃن؟



ڪيڏي نہ عجب جي ڳالهہ آهي جو ڪمال پاشا، جنهن جي نظر ۾ اسلام جي ڪا وقعت ڪانهي، سو اڄ مسلمانن جو ليڊر ۽ هيرو ٿي ويو آهي؟

منهنجو مهمان نواز حيرت مان مون کي ڏسي رهيو هو. مون ماٺ ڪئي تہ هو چوڻ لڳو، "توهين تہ مسلمان آهيو"

" نہ نہ! مسلمان تہ ڪونہ آهيان. البتہ اسلام جي حسن جو قدر دان آهيان. "

منهنجي ميزبان ڪنڌ ڌوڻي چيو تہ، " نہ ادا نہ! ڳالهہ جيڪا مون ڪئي، سا ئي سچ آهي. توهان مسلمان آهيو پر ان جي توهان کي خود خبر نہ آهي. توهان ڪلمو پڙهي مسلمان ڇو نٿا ٿي وڃو. جڏهن تہ دل جي اندر گهرائي ۾ توهان اسلام قبول ڪري چڪا آهيو. "

مون ان وقت تہ ڳالهہ ٽاري ڇڏي، پر هي لفظ ڪيترا مهينا منهنجي ڪنن ۾ پئي وڳا تہ، " توهان مسلمان آهيو پر ان جي توهان کي خود بہ خبر ڪانهي. "

افغانستان ۾ ڪيترا هفتا رهڻ ۽ سير ڪرڻ کان پوءِ آئون روس هليو ويس ۽ اتان سڌو وطن وري آيس. منهنجي غير حاضري ۾ منهنجو نالو اخباري دنيا مان نڪري، علمي دنيا ۾ چڱو خاصو مشهور ٿي چڪو هو. سو جرمني پهچڻ کان پوءِ برلن جي جغرافيائي سياسي اڪيڊمي مون کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ چيو. ان وقت منهنجي عمر فقط 26 سال هئي ۽ هن ڄمار ۾ اهو اعزاز اڄ تائين ڪنهن کي ڪونہ مليو هو.

ان زماني ۾ منهنجي شادي ٿي چڪي هئي ۽ منهنجي گهر واري بہ منهنجن خيالن سان متفق هئي. اسين زال مڙس ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي قرآن پڙهندا هئاسين ۽ قرآني تعليمات تي بحث ڪندا هئاسين. خيالن جي هن ڏي وٺ ۾ منهنجي آڏو اسلام جي هڪ اهڙي تہ مڪمل تصوير ابري

آئي، جنهن مون کي مدهوش ۽ حيرت زده ڪري ڇڏيو. روح ۽ ماده جي هڪ جيتري اهميت، عقل سان نهڪندڙ ڳالهيون، پيغمبر اسلام جي پرپور روحاني، سماجي ۽ سياسي زندگي ۽ اسلام جو بين الاقوامي مزاج اسلام لاءِ منهنجو استغراق ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو.

سيپٽمبر 1926ع جي هڪڙي رات آئون برلن ۾ پنهنجي گهرواريءَ سان زير زمين ريل گاڏي ۾ سفر ڪري رهيو هوس. منهن جي سامهون سيٽ تي ٻه زال مڙس ويٺا هئا. شاهاڻي لباس ۾ آيا پئي، پر منهن تي ڪابه خوشي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آين. هو ٻئي ڏاڍا غمگين ۽ بدنصيب ٿي لڳا. مون گاڏي ۾ ويٺل سڀني ماڻهن کي چتائي ڏٺو. جيڪي ماڻهو ڪپڙن ۾ ڪجهه خوشحال ٿي ڏسڻ ۾ آيا، تن سڀني جي منهن ۾ هڪ مخفي غم جي جهلڪ هئي، ٿي سگهي ٿو ته کين احساس به نه هجي.

مون ان احساس جو ذڪر پنهنجي زال سان ڪيو ته هن به منهنجي تائيد ڪئي. ” واقعي ائين ٿو لڳي، ڄڻ اهي ماڻهو جهنم ۾ ٿا رهن. سوچيان ٿي ته پنهنجي هن دکدائڪ حالت جي کين خبر به آهي يا نه ؟ “

گهر آياسين ته ميز تي رکيل قرآن شريف جي نسخي تي نظر پئي، جيڪو اڪثر منهنجي مطالعي ۾ رهندو هو. ڪتاب کي بند ڪري الماري ۾ رکڻ لاءِ ويجهو آيس ته کليل صفحي تي هيءَ آيت هئي:

الهکم التکاثر حتي زرتم المقابر کلا سوف تعلمون ثم کلا سوف تعلمون کلا لو تعلمون علم اليقين لترون الجحيم ثم لترونها عين اليقين ثم لتسئلن يومئذ عن النعيم

(توهان ماڻهن کي گهڻي ۾ گهڻي ۽ هڪ ٻئي کان وڌيڪ دنيا حاصل ڪرڻ جي شوق غفلت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ايتري قدر جو ( ان فڪر



۾ ) توهين قبر جي ڪنڌيءَ تي وڃي پهچو ٿا. هر گز نه_ توهان کي جلد ئي معلوم ٿي ويندو. وري ٻڌو ته هرگز نه _ جيڪڏهن توهين يقيني علم مطابق ڄاڻو ها ( ته ائين نه ڪريو ها ) توهين دوزخ کي اکين سان ڏسندا. وري ( به ٻڌو ته ) توهين پڪ سان ان کي ڏسندا. پوءِ پڪ سان ان ڏينهن توهان کان انهن نعمتن جي بابت پڇاڻو ٿيندو.“ )

گهڙي کن لاءِ ته وائڙو ٿي ويس. ڪتاب هٿ ۾ هوم. مون بيگم کي سڏ ڪيو ته ” ڏس گذريل رات ريل گاڏي ۾ جيڪو پاڻ لقا، ڏٺو هو، تنهن جو اجهو هي جواب آهي. “ اسان کي نه رڳو پنهنجي سوال جو جواب مليو، پر ٻيا به گهڻا شڪ شڪوڪ ختم ٿي ويا. اسان کي پڪ ٿي ويئي ته هي ڪتاب خدا جي طرفان ئي نازل ٿيو آهي. هي تيرهن سؤ سال اڳ محمد ( صلي الله عليه وسلم ) تي لٿو هو، پر هن ۾ اهڙيون بيشمار پيشنگوئيون وضاحت سان بيان ڪيل آهن، اهي وضاحتون جيترو اسان جي هن پيچيده مشيني دور ۾ ظاهر ٿيون آهن، سي شايد ڪنهن به ٻئي دور ۾ ظاهر نه ٿيون هونديون.

هاڻي ته مون کي يقين ٿي ويو ته قرآن ڪنهن انسان جي حڪمت ۽ ڏاهپ جو نتيجو نه آهي. انسان ڪيترو به ڪٽي ڏاهو ۽ عقلمند هجي، پر اهو ان عذاب جي پيشن گوئي نٿو ڪري سگهي، جيڪو هن ويهن صديءَ لاءِ مخصوص آهي. ٻئي ڏينهن آئون برلن ۾ رهندڙ مسلمانن جي انجمن جي صدر وٽ ويس ۽ مسلمان ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪيم. هن مون کي ڪلمون شهادت پڙهايو ۽ چيائين ته توهان جو نالو ليو پولڊ آهي ۽ يوناني زبان ۾ ليو ( LEO ) شينهن کي چوندا آهن، تنهن ڪري اسين اڄ کان توهان کي محمد اسد سڏينداسين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ منهنجي گهرواريءَ بہ اسلام قبول ڪيو. ڪجھ وقت کان پوءِ اسان هميشہ لاءِ يورپ ڇڏي ڏنو ڇو تہ هاڻي اسان لاءِ اتي رهڻ بار ٿي پيو هو. سو اسين مصر کان ٿيندا سعودي عرب آياسين، جتي اسان جي حياتيءَ جو هڪ نئون ۽ انقلابي دور شروع ٿي ويو.



آصف جيلاني

# وچ اوڀر ۾ جنگين جي راند

## ۽ ان جو پس منظر

هن وقت توڙي جو خود سعوديءَ جا حڪومتي سربراهہ اها ڳالھ ڪن ٿا تہ يمن ۾ جاري جنگ کي فرقيوارانہ جنگ قرار نہ ڏنو وڃي، پر حقيقت اها آهي تہ انهن جي پنهنجي حڪمت عملي ان جنگ جو واضع طور تي هڪ فرقيوارانہ جنگ جو تاثر جوڙي ڇڏيو آهي، حقيقت بہ اها آهي تہ سعودي قطعي بہ نٿو چاهي تہ ان جي پاڙي ۾ ڪا نئين شيعہ رياست قائم ٿي وڃي، خاص طور تي اهڙي صورتحال ۾ جڏهن آمريڪا، عراق ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ گهڙي آيو ۽ بغداد ۾ شيعہ حڪومت جو بنياد وجهي ويو.

عرب دنيا جي ايران سا ن ٽڪراءُ جي ڊگهي تاريخ رهي آهي، ۽ ان جو سبب خود فرقي طور الڳ الڳ سوچ جو هجڻ آهي. گهڻن ماڻهن جو تہ اهو خيال آهي تہ مختلف هنڌن تي، ۽ خاص طور تي پاڪستان اندر شيعہ فرقي سان تعلق رکندڙن تي جيڪي حملا ٿين ٿا، سي انهن ڌرين هٿان ٿا ٿين، جن ڌرين کي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان عرب دنيا وٽان امداد ملي ٿي. هڪڙي پاسي سعودي عرب، شيعہ مسلڪ سان تعلق رکندڙن کان خوفزده آهي تہ ٻئي پاسي وري شام ۾ جيڪي گروپ حڪومت خلاف وڙهي رهيا آهن، انهن باغين ۾ شامل شيعہ فرقي جي ماڻهن کي مدد وٽي ڏني وئي آهي. سعودي عرب سموري خليج ۾ جتي جتي بہ تضاد هلندڙ آهن، اتي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ موجود آهي، يمن جي جنگ تہ هاڻي شروع ٿي آهي، پر ڇيو

پيو وڃي ته سعودي عرب يمن جنگ جو تياريون 2011ع کان شروع ڪري چڏيون هيون. جڏهن ان آمريڪا کان 67بلين ڊالرز جا هٿيار خريد ڪيا هئا.

مان سمجهان ٿو ته دنيا اندر هٿيارن جي ڪاروبار جي ڪري ئي جنگيون لڳن ٿيون. ۽ انهن جنگين جي ڪري خود عرب دنيا جيڪو پوڳيو آهي. اها ڳالهه ڪنهن کان لڪل ڪونهي. ان لاءِ عراق مان ئي عرب دنيا کي سکڻ گهرجي. جتي آمريڪا پاران جنگ مڙهڻ کان پوءِ وڏي پيماني تي نسل ڪشي ٿي آهي. ٻي جنگ عظيم دوران يهودين جي جيڪا نسل ڪشي ٿي هئي. عراق ۾ ٿيل هولوڪاسٽ ڪنهن به ريت ان کان گهٽ ڪونهي. اڇو ته عرب دنيا ۾ هلندڙ تضادن جي پسمنظر ۾ عراق تي آمريڪي چڙهائيءَ کان پوءِ اتي جيڪو ڪجهه ٿيو ان جو جائزو وٺون. اسان فقط جائزو ئي وٺي سگهون ٿا. پر جيڪي جنگ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا آهن. انهن کي ان صورتحال مان ڪجهه سبق سکڻ کپي.

جيتوڻيڪ 19 مارچ تي عراق جي نهايت ڀيانڪ جنگ. جنهن جي تباهيءَ جي باهه اڃا تائين ڀڙڪيل آهي. ٻارهين ورسي هئي. پر حيرت آهي ته اها ورسي مجرماڻي خاموشيءَ سان گذري وئي. اها به هڪ حقيقت آهي ته اولهه ۾ ڪنهن ورائي به نه ڏنو ته. جارج بش ۽ ٽوني بليئر غلط بياني ڪري. سڄي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي. عراق کي جنهن ڀيانڪ جنگ جي باهه ۾ اڇلايو هو. ان ۾ عراقين جو هڪ نسل صفحه هستيءَ تان متجي ويو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جنگ کي 12 سال گذري ويا. پر هاڻي به عوام وڏي



عذاب مان گذري رهيو آهي ۽ سڄي وچ اوڀر کي ان باهه جا شعلا ساڙي ڀسم ڪري رهيا آهن.

اها حقيقت آهي ته عراق. آمريڪا ۽ سندس اتحادين جي هٿان جنهن تباهيءَ مان گذري رهيو آهي. اها تباهي 2003ع ۾ جنگ کان شروع نه ٿي آهي. پر اها ان کان 13 سال اڳ شروع ٿي هئي. جڏهن بش سينئر عراق تي پهريون حملو ڪيو هو ۽ ان جنگ جا تباهه ڪن اثر 2003ع تائين جاري رهيا هئا. جيتوڻيڪ عبدالحق العيني برطانيا ۾ تربيت يافته قانوندان ۽ بين الاقوامي معاملن ۾ سندس پي ايچ ڊي ٿيل آهي. ساڻس گڏ هڪ ٻيو عراقي دانشور طارق العيني آهي. جيڪو تعميرات جو ماهر ۽ عربي زبان جو مشهور محقق آهي ۽ فن لينڊ ۾ رهي ٿو. هن سال جي شروعات ۾ ٻنهي عراق جي جنگ جي ڀيانڪ تباهيءَ جي باري ۾ گهڻي ريسرچ کان پوءِ ٻن جلدن تي ٻڌل هڪ ڪتاب لکيو آهي. ان ڪتاب جي پهرين جلد جو عنوان آهي.”عراق ۾ نسل ڪشي“ ۽ ٻئين جلد جو عنوان آهي. ” عراق هولوڪاسٽ “ ان ڪتاب ۾ 1990ع کان 2000ع جي جنگ ۾ فوتگين ۽ تباهين جي باري ۾ اهڙا انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن. جو انهن کي پڙهي ڪري. هوش اڏامي وڃن ٿا ۽ اکيون کلي وڃن ٿيون ته غلط بيانيءَ تي ٻڌل ۽ سراسر غير قانوني عراق جي جنگ ڇا ته تباهي مچائي آهي. اها به هڪ حقيقت آهي ته اهڙي ڀيانڪ تباهيءَ جو منهن ته ٻين عالمي جنگ جي دوران يورپ ۾ يهودين کي به نه ڏسڻو پيو. جنهن جي هولو ڪاسٽ جي نالي سان ايتري واويلا ڪئي وڃي ٿي ۽ ان کي ايتري قدر سنگين تصور ڪيو وڃي ٿو ته. جيڪڏهن يورپ جي گهڻن ملڪن ۾ ڪو هولوڪاسٽ کان انڪارڪري ته ان کي قيد

جي سزا ڀوڳڻي پوندي آهي. يهودين جي دعوي آهي تہ ٻين عالمي جنگ جي دوران 50 لک يهودي ۽ خانہ بدوش مارجي ويا. جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ عبدالحق العيني ۽ طارق العيني آمريڪي ذريعن وٽان جيڪي انگ اکر گڏ ڪيا آهن. انهن مطابق 1990ع کان 2011ع تائين عراق ۾ مارجي ويلن جو تعداد 91 لک آهي.

يونيسيف جي انگن اکرن موجب 1990ع ۾ نار جي پهرين جنگ کان پوءِ سلامتي ڪائونسل عراق تي، جيڪي سخت پابنديون لاڳو ڪيون هيون، انهن پابندين جي ڪري 2003ع تائين 13 سالن جي دوران عراق ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جا 5 لک ٻار مري ويا. جيتوڻيڪ اهي ٻار خوراڪ جي کوٽ ۽ ناقص غذائي خوراڪ جي سبب مري ويا هئا. پر عراق ۾ نسل ڪشيءَ جي باري ۾ ڪتاب جي جلد پهرين ۾ عبدالحق ۽ طارق العيني جو چوڻ آهي تہ " 1990ع ۾ نار جي جنگ ۾ ۽ ان کان پوءِ عراق تي سخت پابندين جي نتيجي ۾ 18 لک عراقي مري ويا ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر جا 12 لک ٻار فوت ٿي ويا " سندن دعوي آهي تہ "ان ڪي عراقين جي نسل ڪشيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو نالو نہ ٿو ڏئي سگهجي." عبدالحق ۽ طارق العيني جو اهو بہ چوڻ آهي تہ " ان نسل ڪشيءَ جو ذميوار آمريڪا ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا ميمبر ملڪ آهن، جن عراق تي سخت پابنديون لاڳو ڪيو هيون.

2011ع ۾ عراق مان آمريڪي فوج جي واپسيءَ جي وقت اولهہ جي ميڊيا جو چوڻ هو تہ هزارين عراقين ۽ ساڍا چار لک آمريڪي فوجين جي مارجي وڃڻ تي عراق جي جنگ جو خاتمو ٿيو آهي، " پر اها بہ اندازي واري



غلط بياني هئي، جنهن جي بنياد تي بش ۽ بليئر عراق خلاف جنگ شروع ڪئي هئي. دفاعي ماهرن ۽ پرڏيهي معاملن بابت آمريڪي تنظيمن مطابق عراق جي جنگ ۾ 2003ع کان 2011ع تائين 15 لک عراقي مارجي ويا، جڏهن تہ وڌيڪ 80 هزار ماڻهو جنگ جي نتيجي ۾ اهڙين حالتن ۾ مري ويا، جن کان بچي سگهجي پيو. اهڙي ريت ڪل ملائي، عراق جي جنگ ۾ 17 لک عراقي مارجي ويا. جڏهن تہ 60 لک عراقي بي گهر ٿيا، 10 لک عراقي عورتون بيوه ٿيون، 5 لک ٻار يتيم ٿيا، 4 لک عورتون ۽ ڇوڪريون گم آهن، جڏهن تہ 3 ڪروڙن جي آباديءَ ۾ 17 لک عراقين جي مارجڻ وارو اهو تعداد هولوڪاسٽ کان گهٽ ناهي.

جيتوڻيڪ عبدالحق العيني ۽ طارق العيني شاهدين جي بنياد تي اهو ثابت ڪيو آهي تہ آمريڪا، برطانيا ۽ آسٽريليا عراق تي حملي ۾ نيوٽرن ۽ فاسفورس بم استعمال ڪيا هئا، جڏهن تہ آمريڪا انهن شاهدين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، عراقي ريپبلڪن گارڊ جي اڳوڻي ڪمانڊر سيف الدين فلاحي حسن الراوي جو چوڻ آهي تہ " 9 اپريل تي بغداد تي قبضي لاءِ حملي ۾ آمريڪي فوج نيوٽرن ۽ فاسفورس بم استعمال ڪيا هئا. " سندس چوڻ آهي تہ " ان حملي جي دوران جيڪي فوجي مارجي ويا هئا، فاسفورس بم سبب سندن جسم جون هڏيون بہ سڙي ويون هيون. " نيوٽرن ۽ فاسفورس بمن سبب فوجي تہ نيست و نابود ٿي ويا هئا، پر بغداد جي هوائي اڏي جا سمورا هنڌ برقرار رهيا.

عبدالحق ۽ طارق العيني الزام هنيو آهي تہ " عراق تي قبضي کان پوءِ آمريڪا جي مقرر ڪيل نگران انتظاميا جي سربراهہ پال بريمر عراق جي

بعث پارٽي ٽوڙي ڇڏي، جيڪا گذريل 40 سالن کان اقتدار ۾ هئي ۽ ان سان لاڳاپيل هزارين فوجين ۽ عملدارن کي برطرف ڪري ڇڏيو. رڳو اهو ئي نه بلڪ عراقي فوج کي ٽوڙي فوجي صنعت به تباهه ڪري ڇڏي، ” العينين جي ڪتاب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي ته. ” ڪهڙي طرح آمريڪا ۽ برطانيا سنين کي اقتدار ۽ حقن کان محروم ڪري، ڪردن کي خود مختياري ڏني ۽ اهڙي طرح عراق ۾ وفاقي ڍانچو قائم ڪيو ۽ ان سان گڏ عراق جي فوج کي فرقن جي بنياد تي منظم ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ حقيقي طور تي ورهائجي ويو آهي. “

عبدالحق ۽ طارق العيني جو اهو ڪتاب عراق جي جديد مملڪت جي ڇيلهه ڇٻي ڪرڻ ۽ عراق خلاف آمريڪا ۽ سندس اولهه جي اتحادين جي ڀيانڪ ڏوهن جو اهم دستاويز آهي، جنهن جي بنياد تي سلامتي ڪائونسل جا ميمبر ملڪ ۽ خاص طور تي بش ۽ بليئر خلاف بين الاقوامي عدالت ۾ انسانيت خلاف ڏوهن جو ڪيس هلائڻ گهرجي.

آسٽريلوي پروفيسر گڊيون پوليا ان ڪتاب جي تعارف ۾ العينين جي ان ڳالهه سان اتفاق ڪيو آهي ته. ” آمريڪا تي عراق ۾ نسل ڪشي جو ڏوهه لاڳو ٿئي ٿو ۽ اهو ان دور جو سڀ کان ڀيانڪ ڏوهه آهي. “ سندس چوڻ آهي ته. ” آمريڪا نه صرف عراق، پر وچ اوڀر جو قتل ڪيو آهي. “ پروفيسر پوليا جو چوڻ آهي ته. ”آمريڪا پنهنجي ان ڏوهه کي لڪائڻ لاءِ صدام حسين خلاف نهايت منظم طريقي سان نفرت واري پروپيگنڊا ڪئي آهي ۽ وڏي پئماني تي ماڻهن کي مارڻ لاءِ انهن هٿيارن جو خوف طاري ڪيو. جن جو ڪو وجود نه هو“.



علي اڪبر راهمون

# خانداني نظام کي ٽوڙڻ جون ڪاوشون

## ڪجهه نڪاح بابت

اڄڪلهه پاڪستان ۾ مغرب ” اين جي اوز “ جي ايجنڊا ۾ سر فهرست مسئلو، صدين کان مربوط خانداني نظام جي روايت ٽوڙڻ آهي. جيئن ته خانداني نظام جي روايت کي انساني تاريخ ۾ سدائين تهذيب جي لاءِ فخر سمجهيو ويندو رهيو آهي. پر جديد مغربي تهذيب وارن ڪجهه عرصو پهرين هن روايت کي فرسوده ۽ مدي خارج سمجهي، نه رڳو نظر انداز ڪيو، بلڪ هن خانداني نظام جي جاء تي هڪڙو نئون مادر پدر آزاد معاشرو جوڙيو آهي، جنهن کي مختلف حيلن بهانن سان پوري دنيا ۾ رواج ڏيڻ ۽ پکيڙڻ لاءِ ڪوشان آهن. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مغربي ملڪ ۽ عالمي بيئنڪون بي انداز پئيسو خرچ رهيون آهن.

جديد مغربي تهذيب جا علمبردار پاڻ کي لبرل ۽ سيڪيولر سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. لبرل ازم جون نيون اصطلاحون، عورتن جي آزادي، عورتن جا مسئلا ۽ عورتن جا حق وغيره آهن، هن تحريڪ جون خاص ڳالهيون هيء آهن، ته عورتن کي مردن سان گڏ کلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ، هن سلسلي ۾ نيون ترڪيبون سوچڻ ۽ موقعا مهيا ڪري ڏيڻ، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ گڏيل تعليمي نظام ۽ جنسي تعليم کي فروغ ڏيڻ وغيره هن مهم جي ڪاميابي لاءِ ابتدائي ڏاڪا سمجهيا وڃن ٿا. امريڪا جي رينڊ ڪارپوريشن هن مهم جي لاءِ فراخ دلي سان پيئسو خرچ ڪري رهي آهي، هن ڪارپوريشن جو عملو ۽ عورتون پنهنجي مشن جي لاءِ ايتريقدر پر عزم ( Committed ) آهن، جيڪڏهن

اهڙي مضبوط وابستگي (Committmant ) انهن جي پنهنجي دين سان هجي تہ هو پڪا جنتي هجن، جيڪڏهن ڪو پريمي جوڙو گهران نڪتل سندن هٿ چڙهي وڃي تہ چاندي ٿي ويندي اٿن ۽ هن تحريڪ جا ڪارڪن حرڪت ۾ اچي ويندا آهن، پيچ ڏڪ ۾ پهرين سول ڪورٽ کان گرفتاري نوٽيس وٺندا آهن. ڇوڪري کي ڪنهن دارالامان موڪلڻ جو عدالتي حڪمنامو حاصل ڪندا آهن. پوءِ سڌو پريس ڪلب جو رخ ڪندا آهن، جتي ان پريمي جوڙي سميت پريس ڪانفرنس جو اهتمام ڪندا آهن، اهڙي صورت ۾ ميڊيا وارن کي بہ ڪجهہ مسالو هٿ اچي ويندو آهي، جنهن سان اخبارن جو پيٽ ڀريندا ۽ ٽي وي پروگرامن جي رونق وڌائيندا آهن.

ٽي وي چينلن تي مختلف پروگرامن ۾ عورتن جي حقن ۽ مسئلن بابت نوان نوان موضوع ڇيڙي، سماج ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ويندي آهي، هن سلسلي ۾ اين جي اوز ورڪر بيگمات جو هڪ من پسند موضوع نڪاح نامو بہ آهي، روزانو ٽي وي اسٽوڊيو ۾ مهمان بنجي ايندڙ اين جي اوز ورڪر خاص ڪري نڪاح پڙهائيندڙ مولوي ۽ نڪاح رجسٽار جي سخت پڪڙ ڪندا آهن ۽ تنقيد جو نشانو بنائيندا آهن. تہ نڪاح نامي جا سمورا ڪالم ڀريا ڇو نہ ٿا وڃن؟ انهن ڪالمن ۾ ڪراس جا نشان ڇو ٿا لڳايا وڃن؟ وغيره وغيره ۽ مطالبو ڪندا آهن تہ اهڙو قانون ٺاهيو وڃي، جنهن مطابق نڪاح رجسٽرار کي پابند بنايو وڃي تہ ڪالم نمبر 18 نڪاح نامي فارم جو هر حال ۾ ڀريو وڃي. جنهن مطابق زال کي از خود طلاق ڏيڻ ۽ پنهنجي مڙس کان ڌار ٿيڻ جو اختيار ڏنل آهي، يعني طلاق ڏيڻ جو حق خود عورت جي حوالي ٿيل آهي. انهن اين جي اوز ورڪرن جي وس ۾ هجي تہ انهن سيني نڪاح پڙهائيندڙن ۽ نڪاح رجسٽرارن کي سرعام ڪوڙا لڳرائين، جڏهن کان ميڊيا تي اسان وٽ انڊيا جي ٽي پروگرامن، ڊرامن ۽ فلمن ۾ شادي جي مسئلن تي بحث ڇڙيو آهي، تڏهن کان اهي واويلا اڪثر ٻڌڻ ۾ آيا آهن. هن جديد ميڊيا ئي ڪلچر کان پوءِ اسان جي معاشري ۾



طلاق جو رواج عام ٿي رهيو آهي، اهڙي طرح جڏهن کان " قانون تحفظ حقوق سنوان " جي آڙ ۾ زنا بالجبر کي تحفظ مليو آهي، غيرت جي نالي ۾ "ڪاور ڪاري " جا ڪيس وڌي ويا آهن.

اصولي طرح ڪنهن نڪاح خوان يا رجسٽرار کي اختيار حاصل ناهي، تہ هو نڪاح نامي جي فارم جي ڪالمن ۾ پنهنجي طرفان ڪجهہ لکي، هو صرف هن صورت ۾ ڪجهہ لکڻ جو مجاز آهي، جڏهن زال مڙس هڪٻئي جي رضا مندي سان ڪو شرط يا معاهدو لکرائين، اسان وٽ اعليٰ سرڪاري ملازمتن جي اميدوارن جي لاءِ درخواست فارم ڀرڻ بابت جيڪي هدايتون لکيل هونديون آهن. انهن ۾ هيءُ لکيل هوندو آهي تہ خالي ڪالم ۾......... لکو ۽ ڪراس لڳائڻ جو مطلب بہ ساڳيو هوندو آهي. انڪري جيڪڏهن نڪاح جي وقت زال مڙس جي وچ ۾ ڪنهن معاهدي يا شرطن تي اتفاق ٿي وڃي ٿو تہ اهو نڪاح نامي ۾ لکرائڻ ٻنهي ڌرين جي ذميداري آهي، جيڪڏهن نڪاح خوان رجسٽرار ڪالم کي خالي ڇڏي ڏيئي ۽ ان ۾ ڪراس جو نشان نہ لڳائي تہ خدا نہ ڪري ڪا ڌر پنهنجي طرفان ڪو شرط لکي ڇڏي، جنهن مان ڪو نئون تنازعو جنم وٺي، ڇو جو نڪاح نامي جي، زال مڙس مان هر هڪ وٽ هڪڙي ڪاپي هوندي آهي.

شريعت اسلامي ۾ نڪاح جي صحيح طرح منعقد ٿيڻ لاءِ ايتروئي ڪافي آهي تہ ٻئي ڌريون هڪڙي مجلس ۾ ٻن شاهدن جي روبرو ايجاب، قبول ڪن. ايجاب ۽ قبول اهي ٻہ نڪاح جا رڪن آهن. ٻن شاهدن جي روبرو اها ڪاروائي ڪرڻ نڪاح جي صحيح منعقد ٿيڻ لاءِ شرط آهي. ۽ خطبو يا نڪاح جي دعا مسنونہ پڙهڻ سنت آهي، هن خطبي يا دعا جي حڪمت بہ نڪاح جو اعلان عام آهي. جيئين ماڻهن کي معلوم ٿي وڃي تہ هن جوڙي ۾ شادي ٿي چڪي آهي، ۽ هاڻ انهن متعلق ڪير بہ بدگماني جو شڪار نہ ٿئي.

نڪاح جي صحت جي لاءِ تہ ايجاب قبول هڪڙو پيرو بہ ڪافي آهي. پر اسان وٽ عام طرح اهڙو ايجاب قبول ٽي پيدا ڪرايو ويندو آهي، جنهن ۾ بہ ڪو حرج ناهي، اهڙي طرح ڪٿي ڪٿي اسان وٽ نڪاح پڙهائڻ وقت گهوٽ کي ڇهہ ڪلما پڙهايا ويندا آهن. جيتوڻيڪ اهي نڪاح جي صحت لاءِ شرط تہ ناهن پر جيڪڏهن معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهندي پڙهايا وڃن تہ ان ۾ بہ ڪو حرج ڪونهي. بلڪ برڪت جو باعث آهن.

هڪڙو مسئلو تہ جيڪڏهن نڪاح جي مجلس ۾ سيئي محرم هجن تہ گهوٽ ڪنوار سنئون سڌو پاڻ بہ ايجاب قبول ڪري سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ ڪنوار جي طرفان ايجاب قبول واسطي اسان جي معاشري ۾ وڪيل مقرر ڪبا آهن، جڏهن ڪنوار ڪنهن شخص کي پنهنجو وڪيل مجاز ( Athorised Attarney ) بنائي وٺي تہ ان جي ايجاب قبول سان بہ نڪاح منعقد ٿي ويندو آهي. نڪاح نامي جو فارم ڀرڻ يا نڪاح جا دستاويز تيار ڪرائڻ ڪو شرعي مطالبو ناهي، پر قانوني ضرورت آهي ۽ فائديمند پڻ، جيئن آئينده جي ممڪنہ معاملن کي سامهون رکندي، ٻنهي ڌرين وٽ ثبوت موجود رهن، ۽ خدا نخواستہ ڪا اڻ وڻندڙ صورتحال سامهون اچي تہ ان جي نيبري ۾ مددگار ۽ مؤثر ثابت ٿين. هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ۽ وهنوار ڪرڻ جي معاملي ۾ دستاويزي لکت جو حڪم قرآن مجيد ۾ هن طرح فرمايو آهي، سورة البقره آيت 282 قرآن مجيد جي طويل آيتن مان هڪ آيت آهي، ان ۾ هڪ ٻئي سان وهنوار ڪرڻ متعلق دستاويزي لکت مرتب ڪرڻ جو حڪم هن طرح فرمايو ويو آهي تہ اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين ڪنهن مقرر مدت لاءِ پاڻ ۾ قرض جي ڏي وٺ ڪريو تہ ان جي لکت ڪريو" پوءِ جيڪڏهن دستاويز يا و ثيقہ لکڻ وارو ڪاتب هڪڙو هجي تہ ان کي هدايت ڪئي ويئي آهي تہ " ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪنهن ڪاتب ( دستاويز لکڻ واري ) کي عدل سان دستاويز لکڻ کپي، ۽ جنهن کي الله تعاليٰ لکڻ جو فن عطا ڪيو آهي ان کي لکڻ کان انڪار نہ ڪرڻ گهرجي."



هن حڪنامي جي حڪمت هيءَ آهي تہ تہ هڪڙو مسلمان ٻئي مسلمان ڀاء جي حقن جي حفاظت ۾ مددگار ثابت ٿئي ۽ اهو هڪ مسلمان جو شان پڻ هئڻ کپي، حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاء جي مدد ڪندو آهي، الله تعاليٰ ان جي ( جزا ۽ انعام طور ) مدد فرمائيندو آهي. ( صحيح مسلم ) بهرڪيف نڪاح نامي جو فارم ڀرڻ ۽ ان جي پاسداري اسان تي لازم آهي. قانون ٽوڙڻ جي صورت ۾ ماڻهو قانون جي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو ۽ سندس ننگ ناموس تي حرف پڻ اچي سگهي ٿو.

پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو ارشاد گرامي آهي تہ مؤمن جي شان وٽان ناهي تہ هو پاڻ کي ذلت ۾ وجهي. اصحاب ڪرام عرض ڪيو يا رسول الله! مؤمن پاڻ کي ذلت ۾ ڪيئن وجهندو آهي، پاڻ جن فرمايو ان جي هڪڙي صورت هيءَ آهي تہ ماڻهو پاڻ کي ڪنهن اهڙي آزمائش ۾ وجهي جو ان مان باعزت ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿي پوي، سو قانون ٽوڙڻ بہ اهڙي مصيبت ۾ وجهڻ جي برابر آهي.

هن سلسلي ۾ ڪجهہ وڌيڪ حديثون پيش ڪجن ٿيون، حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ عورتن سان انهن جي حسن جي ڪري نڪاح نہ ڪريو ٿي سگهي ٿو تہ سندس حسن کين تڪبر ۾ مبتلا ڪري وجهي، ۽ نہ مال ملڪيت جي ڪري ساڻن نڪاح ڪريو ٿي سگهي ٿو اهو هنن کي مغرور بنائي وجهي، بلڪ انهن سان صرف دينداري جي بنياد تي نڪاح ڪريو (سنن ابن ماجہ ) _ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي تہ اوهان مان بهترين شخص اهو آهي، جيڪو پنهنجي گهر وارن لاءِ سٺو هجي ۽ آئون اوهان سڀني کان پنهنجي گهر ٻارن لاءِ بهترين آهيان ( ابن ماجہ )

اعجازعلي ٿهيم

# مذهب ۽ لادينيت جي ڇڪتاڻ

جيئن هيءَ دنيا هڪ ڳوٺ جي شڪل اختيار ڪري رهي آهي تيئن انساني نظريا ۽ سوچون تيزيءَ سان ڦهلجي رهيون آهن. هر نظريو پنهنجي جڳهه ولاري ٿو ۽ سماج تي اثر انداز ٿئي ٿو. جهڙي طرح اسلام پنهنجي بهترين پرچار ڪندڙن جي بدولت هن دنيا ۾ ڦهليو ۽ اثر انداز ٿيو آهي، اهڙي طريقي سان لادينيت به صلاحيت رکندڙن جي ڪري ترقي ونندو ٿو وڃي. مذهب چاهي ڪهڙو به هجي، ان اندر منطق کان وڌيڪ عقيدن کي منطقي انداز ۾ پرکيو ويندو ته مذهب اندر تمام گهڻو بگاڙ پيدا ٿيندو ۽ اهو فرقه واريت ۽ گروهه بندي ۾ تبديل ٿي ويندو .

لادينيت ۾ ته استعمال ئي منطق ٿيندو آهي ۽ هن دنيا کي منطقي انداز ۾ پرکيو ويندو آهي. بلڪل سائنسي انداز وانگي هر ماڻهوءَ جي نظريي کي اهميت ڏني ويندي آهي ۽ وقت سان گڏوگڏ ان نظريي کي رد به ڪيو ويندو آهي ۽ تضاد صرف نالي ماتر ئي رهجي ويندو آهي. رهي ڳالهه ڪميونزم جي ته هي هڪ معاشي نظريو آهي ۽ هن نظريي جا پرچارڪ مذهبي عقيدن ۾ ٽنگ اڙائي، پنهنجي نظريي کي زوال جي طرف وٺي رهيا آهن. اڄ جيڪڏهن ڪميونزم زوال پذير ٿيو آهي ته ان جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ مذهبي عقيدن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ آهي. جيڪڏهن هي ماڻهو ائين نه ڪن ها ته شايد هن وقت هي معاشي نظريو پنهنجي مقام تي هجي ها.

سنڌ ڌرتيءَ کي مذهبن جي ماءُ به چئي سگهجي ٿو . ڇاڪاڻ جو دنيا جي قديم ترين مذهب هندومت هت هتي جنم ورتو. پوءِ پاڙيسري ملڪن سان واپاري لاڳاپا هئڻ جي ڪري هرمذهبي نظريي پنهنجا اثر سنڌ مٿان ڇڏيا، جنهن وقت عربن محمد بن قاسم جي سربراهي ۾ سنڌ فتح ڪئي ته ان وقت گوتم ٻڌ جو مذهب سنڌ اندر پنهنجي عروج تي هو. پر



تنهن هوندي به حڪمران برهمڻ گهراڻي جو هئڻ ڪري غريب ۽ مظلوم عوام تي تمام گهڻا ستم ڪندو هو. اسلام جي بهترين رواداري ڏسي ڪري سنڌ جي مظلوم طبقي ان جي دل و جان سان آجيان ڪئي. وري جڏهن اسلامي تصوف حضرت جنيد بغدادي، منصور حلاج ۽ علامه رومي وغيره جي سربراهي ۾ دنيا اندر پنهنجا نقش ڇڏيا ته انهن جو سنڌ تي به اثر پيو ۽ ڪيترائي صوفي بزرگ هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا.

انگريزن جو سنڌتي قبضو مذهبي حوالي سان ايترو اثر انداز نه ٿيو. ڪميونزم ۽ لادينيت ويهين صديءَ ڌاري سنڌ اندر داخل ٿيا. خاص طور تي روس جي انقلاب، يورپي دنيا وانگرسنڌ تي به اثر ڇڏيا ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي ڇڏيو دنيا جي ٻين خطن وانگي سنڌ تي به هي نظريو سڀ کان پهرين لکيل پڙهيل ماڻهن تي اثر انداز ٿيا. انهن مان ڪامريڊ محمد ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي قابل ذڪر آهن. هي ماڻهو ايترا ته تعليم يافته رهيا آهن، جو هر هڪ يونيورسٽي ۾ سنڌ اندر هن نظريي کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ سول سوسائيٽي ۽ ادبي لڏي جو تمام وڏو ڪردار رهيو آهي،هي تنظيمون هفته وار ۽ ماهوار گڏجاڻيون ڪري، پنهنجي نظرين جي پرچار سان گڏوگڏ خيالن جي ڏي وٺ به ڪندا آهن. ان کان علاوه هنن نظرين کي هٿي وٺرائڻ ۾ اعليٰ تعليمي ادارن جو به ڪردار آهي. سنڌ اندر هڪ ئي مادرعلمي ادارو سنڌ يونيورسٽي آهي ۽ ان اندر فلسفي ۽ ادب جا استاد هنن نظرين کي ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. شروع کان وٺي شعبي سنڌي ادب، اردو ادب، فلسفي ۽ انگريزي ادب جي استادن هن ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي شعبي فلاسافي ۾ ميڊم امر سنڌو ۽، شعبي ڪيمسٽري جي ميڊم عرفانه ملاح ۽ شعبي انگريزي ادب جي پروفيسر محترم شفقت قادري ۽ محترم شعيب شاهه صاحب جن هي ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن.

۽ اڄ جو نوجوان ڪمپيوٽر ۽ موبائل جي هٿان ايترو ته مصروف ۽ ڪمزور ٿي ويو آهي، جو هن کان مذهبي رسمون سرانجام ڏيڻ پڄڻ ئي نه ٿيون.

وري جڏهن انهن کي اهڙيون منطقي ڳالهيون ٻڌايون وڃن ته ويتراهي مذهب کان پاڙيسرا ٿيو پون. مذهبي رسمون انسان کي ذهني ۽ دلي سڪون بخشن ٿيون. پر لادينيت ۽ ڪميونزم انسان جي دل ۽ ذهن ۾ بيقراري پيدا ڪن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن ته اهي حقيقتن کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي سرجو سانگو به لاهي ويهندا آهن. انهن جي ذهن ۾ هر وقت عجيب قسم جي پيڙها رهندي آهي ۽ ان پيڙها جا سور نه سهندي شيخ اياز پنهنجي زندگي جي آخري ڏهاڪي ۾ ڏٽيءَ در جهڪيو ۽ وحدت جو قائل ٿيو.





آمنه حامد زبيدي

# شاه جو ڪلام ۽ ان جي تشريح

احد، احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾

احد ۽ احمد جي وچ ۾ بس رڳو ميم جو فرق آهي يعني، آقاءِ دوجهان حضرت محمد صلي الله عليه وسلم، الله جي ايڏو ته ويجها آهن، جو بس، وچ ۾ " ميم " جو فاصلو آهي، دنيا انهي نڪتي کي سمجهڻ کان قاصر آهي ۽ دنيا وارا، الله ۽ سندس محبوب جي درميان انهيءَ خصوصي تعلق جي باري ۾ حيرانيءَ ۾ ٻڏل آهن ته اهو هڪ عجيب راز آهي.

ونڃ ئو هوت وڃن وو جهليان پليان هيڙو نه رهي
آئون جنين جي آهيان ڪڙي مه ٿيان تن،
جهليان پليان هيڙو نه رهي،
گهوريان گهٽين پٽين سندي ٻاجهه ٻين
جهليان پليان هيڙو نه رهي
مر مران مارين مون پرزا پرزا ڪن
جهليان پليان هيڙو نه رهي
آئون ميائي گهوريئي جي مون سان محب ملن
جهليان پليان هيڙو نه رهي.

هاءِ منهنجي هوت ( پرين ) کي مونکان ڇنيندا ٿا وڃن، وڏا وس ٿي ڪريان ته محبوب کي وڃڻ نه ڏيان ڇو ته ان کان سواءِ منهنجو جيئڻ محال آهي.

( غالبا اها وائي سسئي پنهون جي قصي جي پس منظر ۾ چئي وئي آهي جو سسئيءَ جي پنهونءَ کي انجا پائر رات جو اٺ تي ويهاري، زبردستي قلات ڏانهن وٺي ويجي رهيا هئا ) .

مان جن تي فدا آهيان، ڪٿي انهن جي اڳيان شرمندي نه ٿيان؟ هن ڪوشش ۾ آهيان ته محبوب کي وڃڻ نه ڏيان ڇو ته منهنجي دل ان کان سواءِ رهي نه سگهندي .

مان انهن جي توجه ۽ رضا مندي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي انهن مٿان گهوريان ۽ قربان ڪريان، مان انهن کي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ وس ڪريان پئي ڇو ته انهن کانسواءِ منهنجو جيئڻ بيڪار آهي.

محب سان ميلاپ جي لاءِ ڪٿي مون کي موت جي منهن ۾ وڃڻو پوي ته به قبول آهي يا هو مونکي، پاڻ فنا ڪن يا پرزا پرزا ڪن، مونکي اهو سڀ قبول آهي.

مان انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ۾ آهيان ڇو ته انهن کان بنان منهنجو جيئڻ محال آهي.

جي مئي پڄاڻان مون کي محبوب جي وصال جو يقين هجي ته ان، موت جي لاءِ به تيار آهيان، بلڪ، محبوب جي لاءِ خوشي سان قربان ٿي وڃان .

مان انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ۾ آهيان، ڇو ته انهن کانسواءِ منهنجو جيئڻ اجايو آهي، منهنجي دل انهن کانسواءِ رهي نٿي سگهي.

**" وائي "**

وسارج م ويڻ جوين به ٿي ڏينهڙا

لوڻيون سهن لوڪ جا، وهاٽيءَ ٿيون ويڻ

جوين به ٿي ڏينهڙا

اصل اسارين جا، ستي وٽڙا سيڻ

جيڏيون جي مان وسهو، ننڊ م هيريو نيڻ



جوين به ٿي ڏينهڙا

راتڙيون جاڳن جي، سي آئون ڪنڌڙي سيڻ

جوين به ٿي ڏينهڙا.

آڏيءَ رات اٿي ڪري، جهل تون ننڊا نيڻ

جوين به ٿي ڏينهڙا

محبوب حقيقيءَ جي ياد کان دل کي غافل نه ڪر ڇو ته، سموري حياتي به ٿي ڏينهن آهي ( تمام مختصر زندگي آهي ).

بي حيا افراد، جيڪي هن مختصر زندگيءَ تي فدا آهن، محبوب جي ياد کان غافل ٿيڻ جي ناداني نه ڪجانءِ نه ته، طعنا ملندئي سموري حياتيءَ جي مدت، به چار ڏينهن کان وڌيڪ نه آهي. محبوب جي ياد کان غافل ٿي، آرام سان سمهڻ وارن جي حالت اها آهي جو اهي، صبح صادق تائين الله وارن جي مهڻن جو شڪار رهن ٿا. الله ۽ الله وارن جي نظر ۾ اهي، غافل ٿا ليکجن .

سڄي حياتيءَ جي حيثيت، به ٿي ڏينهن کان مٿي ناهي.

غفلت جي ننڊ سمهڻ وارن کي سڀ کان وڏي جيڪا سزا ملي ٿي، اها اها آهي ته، محبوب حقيقي انهن کان رسي وڃن ٿا، ڇو ته محبوب جي نظر ۾ انهن جي اها ادا، محبت جي دعويٰ جي خلاف آهي.

ڪل زندگي، ٻي ٿي ڏينهن کان وڌيڪ نه آهي.

دوستو! جيڪڏهن منهنجي مڃو ته، پنهنجي اکين کي، ننڊ تي نه هيرايو (انهن ۾ اوجاڳي جي عادت وجهو) رات جي پوئين پهر ۾ ضرور جاڳو ۽ ڏٽيءَ در ٻاڏايو. ڇو ته، سموري حياتي به ٿي ڏينهن کان وڌيڪ نه آهي.

اهي سچا عاشق، جيڪي، راتين جو اجاڳو ڪري محبوب حقيقيءَ جي عبادت ڪن ٿا ۽ ان سان راز و نياز ڪن ٿا. اهي عاشق انهيءَ قابل آهن جو کين، پنهنجو " مرشد راهبر " بڻايو وڃي.

سڄي زندگي، ٻن ٽن ڏينهن جي برابر آهي.

آڌيءَ رات جو جاڳي، تون پنهنجي اکين کي ننڊ کان روڪ. يعني رات جي پوئين پهر، عبادت جي عادت وجهه. چاڪاڻ تہ سموري حياتي، بہ ٿي ڏينهن مثل آهي.

داڻودي ديون ڪري، رڪن ڪونهي رنگ
گهوڙي هيٺ آينگ ڪاهيو پاڪڙين هٽي.

محبوب حقيقيءَ جي جلال جو اهڙو شان آهي جو، وڏيون وڏيون هستيون بہ، هن جي جلال کي نہ ٿيون سهي سگهن. اسان جهڙي ڪمزور ايمان وارن ۽ ڪوتاهہ عشق وارن جي لاءِ ان جي جلال کي سهڻ ۽ برداشت ڪرڻ تمام ڏکيو آهي.

دئودي ديون ڪري، رڪن ڪونهي چيت
گهوڙي هيٺ سچيت ڪاهيو پاڪرپين هٽي

جڏهن وڏين، وڏين هستين جي اها حالت آهي تہ، محبوب جي شان جلال جي سامهون، اسان جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي؟ ان جي جلال جي اڳيان اسان جي جيڪا حيثيت ٿي سگهي، اها هر ڪنهن تي ظاهر آهي.

او قابيل! اکين ۾ توکي باري بان
اپو اڳرايون ڪرين ماڳ هٽيو مستان
جانب ! تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين.

او قابيل! اي سرڪش يا، شيطاني غلبي هيٺ آيل انسان ! تنهنجيون اکيون سرڪشيءَ سان سرشار آهن، تون، جارحيت جو مظاهرو ڪري حملا ڪرين ٿو تہ نيڪ نشاني تي تيرن جا وار ڪرين ٿو. ( جيڪا دل، الله جي ياد ۾ ذڪر کان خالي هوندي، اهڙي غافل دل تي ئي شيطان حملا ڪري غالب ٿئي ٿو)

او قابيل: اکين ۾ توکي تکا تير
ساڄن انهم سيڱ سين ڦٽيئي گهڻا فقير
ٻئو ۾ مارج مير! تنهنجو پهريون ئي پورو ٿئو.



او قابيل ! اي سرڪش انسان ! تنهنجو اکيون تير وسائي رهيون آهن، اي ساڄن ( محبوب حقيقي ) تنهنجي جلال جي تيرن سان، گهڻا درويش ڦٽيل آهن، تنهنجي جلال جي پهرئين ئي تير مون کي پورو ڪيو آهي هاڻي، رحم جي درخواست آهي.

اوقابيل! اکين ۾، تير تکا توکي
ساڄن انهم سور جي ڪل نہ آ ڪنهن کي
مارين ٿو مونکي، چاڙهي لوهہ لطيف چئي.

اي قابيل ! اي سرڪش انسان! تنهنجيون اکيون، تيرن جي گواهي ڏين ٿيون، ائي محبوب ! منهنجي دل ۾ موجود، بي پناهہ درد اهڙو آهي، جنهن مون کي بيقرار ڪري رکيو آهي، ۽ ڪنهن کي بہ منهنجي هن حال جي پروڙ نہ آهي، منهن جي حالت اها آهي جو مان توهان جي تيرن سان زخمي آهيان.

اوقابيل! اکين سان تير چلايا ني
ٻئو مر ماري سو، جہ جو پهرو پورو نہ ٿيي.
او قابيل! تو اکين سان تير هلايا آهن.

غالبا، انهن بيتن ۾ طالب جي هن حالت جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، جڏهن هو رحماني ۽ شيطاني قوتن جي شديد ٽڪراءَ سبب رحم جوڳي حالت ۾ هوندو آهي، شيطاني قوتون، پوري طاقت سان، حملہ آور ٿي هن کي محبوب حقيقيءَ کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هونديون آهن، ۽، ٻي طرف، رحماني قوتون هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪينديون رهن ٿيون_ تاهم محبوب، سالڪ جي دل تي پنهنجي جي جمال ۽ جلال جي صفتن جا عڪس بہ وجهندو رهندو آهي، جنهن سان طالب جي دل جي حالت رحم جهڙي ٿي ويندي آهي ۽ هو سخت مضطرب ٿي ويندو آهي.

هڪ طرف شيطاني قوتن جا حملا تہ وري ٻي طرف قبض بيچيني ۽ هيبت جا تير_

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ سينو سپر رک
مہ ۾ معشوقن جا، چاڪ چٽڪا چک
سوريءَ پاءِ م شڪ، عاشق ٿي تہ ٻهين.

جيڪڏهن محبوب توکي " فناءِ نفس " جي مقام تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي جلالي تجلين سان فيضياب ڪري تہ، همت ۽ حوصلي سان ان کي برداشت ڪر ۽ محبوب جي انهن ادائن کي، 4پنهنجي دل تي بهادري سان سهڻ جو سليقو سک. انهيءَ راه ۾ سوريءَ تي چڙهڻ کانسواءِ ڪو چارو ڪونهي سچي عاشق وانگر، ان حيثيت سان، سوريءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.

## (٨)

جي هُو پائِن کانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينُون سِپَر ڏيجِ،
مُهَ ۾ مَعشوقِن جا، جهالوُ ٿي جَهليجِ،
پاها پَبگَ مَ ڏيجِ، عاشِقُ ٿِيُ تہ اُبَهين.

جيڪڏهن محبوب حقيقي توتي پنهنجي جلالي تجلين جا تير، وسائي تہ پنهنجي دل ۽ سيني کي، محبوب جي سامهون ڪر ( يعني انهن تيرن کان بچڻ لاءِ دل ۾ خيال بہ نہ آڻ ) همٿ سان محبوب جي تيرن کي برداشت ڪر، سچو عاشق ٻڻجي وڃ تہ محبوب کي سامهون لهندين.

## (٩)

جي هُو پائِن کانُ ڪَمانَ نہ ٻئِي ڏجِ سِينُون،
ڪِجي نہ ڪِينُون، وَجِي دَرِ دوستنِ جي.

جيڪڏهن هو تنهنجي دل ۾ وسعت پيدا ڪرڻ لاءِ، دل تي اضطراب ۽ قبض جي حالت طاري ڪن تہ پاڻ کي محبوب جي حوالي ڪري ڇڏ، محبوب جي بارگاهہ ۾ وڃڻ وقت، محبوب وٽ قرب جو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ دل ۽ ظرف ۾، وسعت پيدا ڪرڻ ضروري آهي، ظرف جي ڪوٺ، تنگ دلي،



۽ جلال جي تجلي جي وقت، آه زاري يا شڪوو شڪايت ڪرڻ، اهي سڀ ڳالهيون سچي عاشق کي نٿيون سونهن.

## (١٠)

پائي کانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مون،
مون ۾ آهِين تون، مَتان تُهجو ئِي توکي لڳي.

ائي محبوب! منهنجو وجود ڏاڍو ڪمزور آهي، مان تنهنجي شان جلال ۽ شان عظمت جو بار کڻڻ جي قابل نہ آهيان، مان تہ رڳو تنهنجي شان جمال جوئي طالب آهيان. تنهنجي جمال سان تہ منهن جي دل هونئن ئي سرشار آهي، منهنجو وجود، تنهن جي هستيءَ جوئي تہ مظهر آهي.

## (١١)

ڪَيو چِڏين کانُ، هَڏِ نہ هَٽائين تا،
ٿِئا جيڀشنِانُ، تہ پِهري سان پُورا هئا.

ڪوڙن عاشقن جي حالت اها آهي تہ. محبوب جڏهن سندن تربيت جي لاءِ انهن جي سيني تي جلال جا تير وسائي ٿو تہ هو ڀڄڻ جو رستو اختيار ڪندا آهن ۽ موربو راه عشق تان ئي هٿ کڻي ڇڏيندا آهن.

## (١٢)

لورِي جِت لَڳومِ، اُتِ اُپوئِي آهِيان،
رِهُ پِسُوِين سَندومِ، مانَ ٻاجهائي ٻِئو هَٽي!

( سچو عاشق زبان حال سان چوي ٿو تہ ) محبوب جي طرفان دل تي جيڪو تير لڳو آهي، ان سان مان، محبوب جي راه تي وڌيڪ مضبوط ٿيو آهيان، منهن جي استقلال ۾، ڪا گهٽتائي ڪا نہ آئي آهي، سڪ اٿم تہ، درد عشق ۾ واڌاري لاءِ محبوب، منهنجي دل کي اجان بہ وڌيڪ، جلال جي تيرن سان زخمي ڪن تہ پنهن جا پلا پاڳ پائيندس.

مثال، نانگ جي زهر مثل جيڪي نانگ جا ڏنگيل آهن، انهن کي ئي صحيح خبر آهي.

## (١٨)

مُحبّتَ جي ميدانَ ۾، ڪُڏِي پَؤُ ڪاهي،
چَڏِ آسانگا اَرواحَ جا، لاهُوتِي لاهي،
عِشقُ نانگَ آهي، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پَوي.

محبت جي ميدان ۾، جوش و خروش سان فدا ڪارانه طور، ڪاهي پئو، ( اي راه سلوڪ جا سچا طالب ) دنياوي خواهش تان هٿ کڻي، محبوب جي لاءِ يڪسو ٿي، هن ميدان ۾ داخل ٿي وڃ، عشق جي تاثير ته، نانگ جي زهر جهڙي آهي، جنهن جو ادراڪ ته انهن کي هوندو، جيڪي، هن نانگ جا ڏنگيل هوندا.

## (١٩)

عِشقُ نه آهي راندِ، ته ڪي ڪَنِسِ ڳَڀَرُوه،
جِيَ جُسي ۾ جانِ جِي ڀَجي جو هيڪاندِ،
سِسِي نيزي پاندِ، اُڇَلِ ته اَڏَ ٿِيي.

"عشق" نه ئي ڪل يوڳ آهي ۽ نه ئي راند روند، هي بي همت ۽ ڪانئر ماڻهن جي وس جي ڳالهه نه آهي، هي ته انهن جو ڪم آهي، جيڪي، جسم ۽ جان جي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار هجن.

سر کي، محبوب تان صدقو ڪرڻ ۽ ڦٽڪڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃ، اها ئي عشق جي تقاضا آهي. ان کان سواءِ نه عشق جا تقاضا پورا ٿين ٿا ۽ نه ئي نفس جي خواهشن تي، الله جي رضا غالب اچي سگهي ٿي.

## (وائی)

عِشقُ تَمامُ، بِرهُ تَمامُ، وو! مَين لُوٺِي يارَ لوڪو!



سيجَ سُتي نُون جَهپَ نه آوي نيٽين نِندَ حَرامُ،
وو! مَين لُوٺِي يارَ لوڪو!
راتِيان جاڳَڻُ، صاحَبُ سَنيالَڻُ، اِي فَقِيرا اندا ڪامُ،
وو! مَين لُوٺِي يارَ لوڪو!
مَتِ عَقُلَ دِي مُنجِهه ڳَئِي آيا عِشقُ اِمامُ،
وو! مَين لُوٺِي يارَ لوڪو!

منهنجي عشق جي آتش، وڏيڪ زور سان ڀڙڪي اٿي آهي، آئون محبوب جي نظر جو شڪار آهيان، هاڻي حالت اها آهي جو آرامده بستر جي باوجود، اکين ۾ ننڊ جو نالو ڪونهي، راتين جو جاڳڻ، محبوب کي سنڀارڻ (ياد ڪرڻ ) ۽ انهن کي پرچائڻ، اهو فقيرن ۽ درويشن ڪم آهي، درويشن جي زندگيءَ جو حاصل ۽ محبوب ترين مشغلو اهوئي آهي، جڏهن عشق امام ۽ رهبر بڻجي آيو ته عقل، فرار جي راه اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيو يا هن جون، سڀ تدبيرون پٺ پئجي ويون

## (١)

عاشِقَنِ اَللهَ جِي، مَحبّتَ رَکِي مَنِ،
سَندِي سِکَ پَرِيَنِ، تَنَ ۾ آهي تَنِ جي.

عاشقن، پنهنجي دل ۾، الله جي محبت جو مچ ٻاريو آهي، انهن جي محبوب جي محبت سان لبريز آهي.

## (٢)

عاشِقَنِ للهَ جِي، سدا وِائِي وات،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم، تَنَ ۾ اِها تاتِ،
اِن کان ڪانه ساعتِ، سَڄَڻُ ويلَ نه وِسَري.

( سڪڻ ۽ سوري ) يعني " عشق ۽ ڦاسيءَ جو تختو " اهي ٻئي هڪ جهڙا آهن. انهن ٻنهيءَ کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي.

عشق جي بنيادي شرط ئي اها آهي تہ محبوب جي هر وقت ياد ڳيري ڪجي، سدائين محبوب جي لنئو لڳل هجي. عشق جي تقاضا آهي تہ دل کي مڪمل طور محبوب جي حوالي ڪري ڇڏجي.

## (١١)

جي ڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، ناتَ پَسُ سِڪَندِيين،
پاسي تِنِين مَ لِڪُ، نِيهُ نہ سُڃاڻَنِ جي.

الله جي محبت جي راهہ ۽ درد عشق جي حصول جا ٻہ طريقا آهن. يا تہ پاڻ پنهنجي طور تي مجاهدا ڪري، عبادت ۾ مستغرق ٿي، الله ۽ ان جي رسول جي، پابنديءَ سان اطاعت ڪري، نفس جي قوتن کي مطيع بڻاءِ ( هن جي لاءِ قرآن ۽ حديث تي غور ۽ فڪر. قرآن ۽ حديث سان خاص تعلق ۽ علماءِ رباني جي ڪتابن جي مطالعي مان ڪم وٺ ).

ٻيو طريقو اهو آهي تہ جن ماڻهن مجاهدن جي ذريعي، نفسي قوتن کي فنا ڪري، بقا باالله جي منزل ماڻي آهي، انهن جي صحبت اختيار ڪندا رهو ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن سان هميشہ وابستہ رکو انهن جي صحبت جي ذريعي عشق جا اجزاء تنهنجي دل ۾ منتقل ٿيندا رهندا، جيڪي توکي شريعت تي عمل ڪرڻ تي اڀاريندا رهندا. اهڙن ماڻهن کان پاسو ڪجي، جن جي دل عشق و محبت ۽ معرفت کان خالي هجي.

## (١٢)

عاشقن معشوقن جي، وَٽي ويهُ ڳَرِي،
جِمَ وَرِچِي ڇَڏِيين، سَندِي دوستَ دَرِي!
ڏِيندا ٻُڪِي ٻاجهَ جِي، وِيندَءِ ڏَپَ ڏَرِي،
اَسان تان ڏَہ سَرِي، تو ڪِنءَ سَرِي سُپرِين؟



اي سچا طالب! جي ماڳ تائين رسائيءَ جي طلب اٿئي تہ پوءِ سچن عاشقن سان گڏ انهن جي رستي تي ويهي رهہ. انهن جي دامن کي مضبوطيءَ سان جهلي ويهہ! ڪٿي ايئن نہ ٿيئي جو نفس جي چٽئي ۾ اچي يا ٽڪجي اهو در ڇڏي وڃين ۽ انهن ( سچن عاشقن ) جي دوستي ۽ ساٿ ڇڏي پري هليو وڃين.

هنن جي صحبت سان توکي اها نعمت عطا ٿيندي، جو توکي روحاني طور تي شفاءِ ڪاملہ عطا ٿيندي، تنهنجي حياتي حقيقي محبت جي ميناج ۽ نوراني جلون سان سرشار ٿي ويندي.

اسان جي اها حالت آهي جو اسان سچن عاشقن جي صحبت کانسواءِ رهي نٿا سگهون. انهن کان سواءِ حياتي گهارڻ جو تصور بہ نٿا ڪري سگهون. نہ ڄاڻ تنهنجو اهو حال ڇو آهي جو سندن صحبت ۽ ساٿ سان توکي ڪا دلچسپي نہ آهي.

## (١٣)

عاشِقَ معشوقِنِ جو، وِٽي ويهجِ سيرُ،
اَچِي پُڇَندُءِ پاڏَهِين، پِرتا پَرِي پيرُ،
پَلائِنِ سَندو پيرُ رَهبَرُ ٿِندُءِ راهَ ۾.

اي طالب صادق ! سچن عاشقن جي گذرگاهہ تي ويهي رهہ. هو پاڻ اچي محبت سان تنهنجو حال پڇندا. خير ۽ ڀلائي ۽ سچائي رکندڙ صاحب، رستي ۾ ئي تنهنجي رهنمائي ڪندو. يعني هو توکي نفس امّاره جي ڏينڻ مان ڪڍي، الله جي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ جو سليقو سيکاريندو. پراڻين بد عادتن جي جاءِ تي صالح عادتن جو ملڪو مستحڪم ڪندو.

## (١٤)

عاشِقَ معشوقِنِ جو، وِٽي ويهجِ دَرُ،
اَچِي پُڇَندُءِ سُپِرِين، لَهندُءِ سَرَ سِپَرُ،
ڀَلائِيَ جو ڀَرُ، رَهبَرُ ٿِندُءِ راهَ ۾.

اَلَڙِ ٿِي آڇِ مَ تون، واٽاڙنِ وائِي،
لائِندَءِ لَطيفُ چي، سُورا سَرَهائِي،
ڳُجهو ڳالائِي، پِرتِ وَٽِجي پاڻَ ۾.

دوستن وٽ بنان ضرورت هر، هر ويچڻ، وقت بي وقت هنن جي در تي وڃڻ درست نہ آهي، (هتي غالباً، هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ صاحب دل شخصيتن جو وقت وڃائڻ ۽ انهن کي قيل و قال ۾ منجهائڻ ۽ دنياوي ڳالهين ۾ هنن کي مصروف ڪرڻ بلڪل غلط آهي ۽ ڪنهن بہ طرح مناسب ڪونهي.

اي ابوجهہ! محبوب جي گهٽيءَ ۾، ان جي مجلس ۾، هر هر ويندو ڪر تہ جيئن ان جي زيارت سان، ان جي صحبت سان، تنهنجي دل جي سختيءَ ۾ گهٽتائي اچي ۽ محبت ۾ واڌارو اچي، توکي سچن عاشقن وٽان، محبوب جي محبت جو جيڪو فيض مليو آهي، جيڪي اسرار ۽ رموز حاصل ٿيا آهن، پنهنجي ناداني سان، هر ڪنهن جي اڳيان اهي راز نہ کول.

درد و غم ۽ فراق جي داغ سبب، تنهنجي باطني زندگي، جنهن اذيت جي شڪار آهي ۽ قلب ۾ جيڪا هلچل برپا آهي، لطيف چوي ٿو تہ توکي جلد ڏکن جي هن بار کان ڇوٽڪارو ملندو، سچن عاشقن جي گفتگو جو جيڪو سليقو هئڻ گهرجي، اهو اهو آهي تہ جهيڻي آواز ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪجي، ان ۾ تيزي نہ هجي، عاجزي ۽ نهٽائيءَ سان ڳالهائجي، اجائي ڊگهي ۽ غيرضروري گفتگو کان پرهيز ڪجي، ڇاڪاڻ تہ، سچا عاشق، پنهنجي دل کي، محبوب جي تذڪري کان سواءِ، ٻين ڳالهين سان آلوده ڪرڻ جا متحمل نہ هوندا آهن. ( اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو دل آزاريءَ کان بچڻ جي لاءِ ان جو اظهار نہ ڪن، پر دنياوي ڳالهين سان هنن جي دل ۾ بيچيني ۽ بيزاري پيدا ٿيندي آهي ) .

## (٢)

جاڻاناهِ ضَرُورُ، تان تان طبيبُ ناهِ ڪو،
جُہ سو سَرِئو سُورُ، ڪَرَ ويجُ وَرِ پئو.



جيستائين ڪا بيماري لاحق نہ آهي، تيستائين ڪنهن طبيب جي گهرج نہ ٿي پوي.

طبيب جي ضرورت تہ تڏهن پوندي، جڏهن ڪو بيمار هجي، طبيب تہ موجود هوندا آهن، پر روحاني بيمارين جا مريض، پنهنجي بيماريءَ جي ادراڪ ۽ ان جي علاج جي احساس کان وانجهيل هوندا آهن، اهي سموري حياتي روحاني ۽ اخلاقي بيمارين ۾ گهارڻ کان پوءِ بہ، پاڻ کي، چڱو ڀلو سمجهندا آهن ۽ پاڻ سان گڏو گڏ، سڄي معاشري کي فساد زده ڪري ڇڏيندا آهن.

## (٣)

سو ُرُ جَنِين کي سَرِئو، سَرِي تَنِ صِحتَ،
مِٺِي مُصِيبَتَ، آهي عاشقنِ کي.

اهي مريض، ڀاڳوارا آهن، جن کي پنهنجي بيمارين جو شدت سان احساس آهي، جيڪي طالب، درد کان بي چين ٿيا، باطني بيمارين جي فڪر ۾ مضطرب ٿيا، حقيقي صحت بہ انهن کي ئي حاصل ٿيندي، جن بيمارن کي پنهنجي درد جو احساس نہ آهي، اهي سڄي حياتي بيماريءَ جي حالت ۾ گذاري، موت جو ٻڪ ڀنجندا.

سچن طالبن جي لاءِ پنهنجي بيمارين جو احساس ۽ درد عشق ۽ محبوب جي لاءِ بي پناهہ اضطراب، اهو هنن لاءِ سرور بخش آهي.

# هندو ڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

### سهيل صديقي گجرات واري سان ملاقات

### (اڳوڻو نالو يوراج سنگھ)

ماڻهو ريل ۾ سفر ڪري ٿو ريل ۾ ٽورن ڪلاڪن جو سفر هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ريل ۾ ٽي چيڪنگ ٿيندي آهي، نه ته جڏهن ماڻهو اسٽيشن تي گيٽ مان لنگهي گهر لاءِ ويندو آهي ته ٽڪيٽ چيڪ ٿيندو آهي. هي دنيا ريل آهي، پنهنجي گهر آخرت ڏانهن ويندي دروازي وٽ ٽڪيٽ جي چيڪنگ ضرور ٿيندي آهي، هتي جو ٽڪيٽ ايمان آهي، بنا ايمان جي " بنا ٽڪيٽ مسافر وانگر " نرڳ (دوزخ ) جي جيل ۾ ويندو آهي. تنهن ڪري اسان کي ساري دنيا جي انسانن کي انهي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ چوڻ ته ضرور گهرجي. اسلام اهڙي سچائي آهي، جو جيڪڏهن اها ماڻهن تائين پهچي وڃي ته جيڪر سيني جو حال مون وانگر بدلجي وڃي. اسان مسلمانن جي اها خاص ذميواري آهي، ۽ جنهن کي آخرت ۽ جنت دوزخ تي يقين نه هجي، سو منهنجي دل کان پڇي ته دوزخ ڪيڏي نه خطرناڪ جاءِ آهي.

احمد اواهه: السلام عليڪم ورحمة الله و برڪاته

محمد سهيل: وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته

سوال: سهيل ڀاءُ، اسان جو هڪڙو دعوتي ميگزين ارمغان نالي نڪري ٿو ان ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارن خوش قسمت ڀائرن ۽ ڀيڻن جون آتم



ڪهاڻيون شايع ڪندا آهيون. ابي حڪم ڪيو هو ته آئون توهان کان به انٽرويو وٺان، تنهنڪري توهان کي سڏيو ويو آهي.؟

جواب: احمد ڀاءُ، ضرور، منهنجي ته ڏاڍي خواهش آهي ته مون گهڙي تي الله جي ڪرم جي ڪهاڻي ماڻهو پڙهن، ته جيئن ماڻهن کي فائدو رسي.

سوال: توهين پنهنجو خانداني پريچي ( تعارف ) ڪرايو؟

جواب: آئون گجرات جي مهسانا ضلعي جي هڪڙي ڳوٺ جي هڪڙي ٺاڪر زميندار جو پٽ آهيان، منهنجو اڳوڻو نالو يوراج سنگھ آهي، سڀئي ماڻهو مون کي انهيءَ يوراج جي نالي سان سڏين ٿا. پنڊتن منهنجي راشي لاءِ مشهور نالو هٽائي منهنجو نالو مهيش رکيو هو پر يوراج ئي مشهور ٿي ويو آهي. 13_ اگسٽ 1983ع منهنجي جنم جي تاريخ آهي. اسان جو پنهنجو خانداني ڪاليج آهي، اي جي جسپال ٺاڪر ڪاليج، اتان مون بي ڪام ڪيو پئي ته مون کي تعليم اڌ ۾ ڇڏڻي پئي، منهنجو هڪڙو ڀاءُ ۽ هڪڙي ڀيڻ آهي. منهنجو ڀيڻويو مشهور سياسي ليڊر آهي، اصل ۾ هو بي جي پي جو ميمبر آهي، معاشري ۾ پنهنجي وزن وڏائڻ لاءِ هن سال هو ڪانگريس ۾ شامل ٿي، اليڪشن لڙيو ۽ کٽي ويو آهي.

سوال: پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ بابت ڪجھ ٻڌايو ؟

جواب : گوڌرا ڪانڊ ڪانپوءِ 2000ع وارن فسادن ۾ اسان اٺن دوستن جو هڪڙو گروپ هو. جيڪو فسادن ۾ اڳتي وڌي وڌو بهرو وٺندو هو. اسان جي علائقي ۾ درندگيءَ جو ننگو ناچ جاري هو. اسان جي ڳوٺ کان 15ڪلو ميٽر پري سندر پور ۾ 60_70 ماڻهن کي جيئري ساڙيو ويو هو. اسين به جواني جي جوش ۾ بهادريءَ جو ڪم سمجهي انهن ڪڌن ڪمن ۾ حصو وٺندا هئاسين. اسان جي گهرن جي ڀرسان ڳوٺ ۾ هڪڙي ننڍڙي مسجد هئي. ماڻهو چوندا هئا ته اها تاريخي مسجد آهي، ان کي وڏي پير، جنهن کي ماڻهو پير همداني سڏائيندا آهن، نهرائي هئي، گجرات جا ماڻهو

انهيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيا هئا. اسان جي ڳوٺ ۾ مسجد جو هجڻ ٺيڪ ناهي، ان کي ڊاهي ڇڏڻ گهرجي.

اسان انن ئي دوستن ان کي ڊاهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪافي جاڪوڙ ڪانپوءِ بہ اصل مسجد کي اسين ڪيرائي ڪونہ سگهياسون. ائين پئي لڳو ، جڻ اسان جون ڪوڏرون لوهہ جون نہ آهن. پر ڪاٺ جون آهن. مجبور ٿي، اسان ٻاهر ئين پيٽ ڊاهڻ شروع ڪئي.جيڪا بہ ٽي سال اڳ ڳوٺ وارن ٺهرائي هئي. ان پيٽ کي ڪيرائي اسان سوچيو تہ مسجد کي بہ ساڙي ڇڏينداسين. ان لاءِ پيٽرول ۾ پراڻا ڪپڙا ڪٺي آياسين. اڳڙين ۾ پراڻن ڪپڙن مٿان پيٽرول هاري هڪڙي ساٿي ان کي باهہ ڏني. خبر ناهي تہ ڪيئن باهہ هن جي پنهنجن ڪپڙن کي لڳي وئي. باهہ ايڏي تہ تکي هئي، جو هو ٿوري دير ۾ ئي پٽ تي ڪري پيو ۽ ٻري مري ويو. مون اهو منظر ڏٺو پئي. ٻجي ويس. منهنجا سنگتي ڪوشش ڪندا رهيا ۽ مسجد کي ٿورو گهڻو نقصان پهتو پر آئنده پندرنهن ڏينهن اندر اندر منهنجا چار ساٿي اوچتو هڪبئي پويان مري ويا. انهن جي مٿي ۾ سخت سور پوندو هو ۽ هو ڦتڪي ڦتڪي مري ويا. مون کي ڇڏي ٻيا بہ ڄڻا چريا ٿي ويا. مون کي سخت ڊپ لڳو آئون ڊنل ماڻهوءَ وانگر لڪندو گهمندو هوس. مون کي پڪ ٿي وئي تہ اها مسجد جي پٺ لڳي آهي. سو رات جو ان ڊنل مسجد ۾ وڃي روئندو هوس تہ اي مسلمانن جا ڀڳوان. مون کي شما ( معاف ) ڪر. اتي مٿو ٽيڪيندو هوس. انهن ڏينهن ۾ مون کي سپنا ( خواب ) بہ ڏاڍا ايندا هئا. سپنن ۾ نرڳ ۽ سرڳ ( دوزخ ۽ جنت ) بہ ڏسندو هوس .

سوال: جنت دوزخ ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هڪڙو بہ خواب ٻڌايو.

جواب: مون هڪڙي ڀيري ڏٺو تہ آئون نرڳ ۾ آهيان. اتي جو داروغو منهنجن ساٿين کي سزا پيو ڏئي. سزا اها آهي. جو ٻگهن ٻگهن لوهي ڪنڊن مان ٺهيل هڪڙي ڄار آهي. جيڪا انهن مٿان وجهي انهن کي ڇڪي پيو ۽ انهن جو ماس ۽ کل لهي پيرن ۾ اچي پوي ٿي. وري ٺيڪ ٿي وڃي ٿي. ان



ڪانپوءِ انهن کي ابتو ٽنگيو ويو ۽ هيٺ باهہ ٻاري وئي. جنهن جا الا منهن ڪان مٿي پئي ٿيا ۽ بہ جلاد انهن کي هنٽر پيا هڻن. هو روئن پيا. رڙيون پيا ڪن تہ اسان کي معاف ڪري ڇڏيو هاڻي اسين ڪنهن بہ مسلمان کي ڪونہ ماريندا سين ۽ نڪي ڪا مسجد ڊاهينداسين. داروغو جلال ۾ اچي چوي ٿو "توبهہ جو موقعو هاڻي ختم ٿي ويو آهي. موت ڪانپوءِ ڪابہ توبہ ڪانهي ."

اهڙا ڊپائتا منظر مون کي روز ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ آئون ڊپ وچان اڌ چريو ٿي ويندو هوس. ان ڪانپوءِ مون کي سرڳ ( جنت ) ڏيکائي ڏيندي هئي، سرڳ (جنت ) ۾ ڏسندو هوس تہ کير جي تلاء کان بہ وڌيڪ ويڪري نهر آهي. کير وهي پيو. ٽڏڙيون هيرون پيون لڳن. کير جون اڇيون اڇيون لهرون پيو هلن. هڪڙي مڌوءَ ( ماکيءَ ) جي نهر آهي. هڪڙي ٽڏي شفاف پاڻيءَ جي نهر آهي. ايتري صاف آهي جو مون کي ان ۾ پنهنجي شڪل پئي ڏسڻ ۾ اچي. هڪڙي مدرا جي نهر آهي (شراب جي نهر ). مون چيو تہ شراب تہ خراب شيءِ آهي. اسان جي ڪٽنب ۾ شراب تمام خراب سمجهيو ويندو آهي. جواب ڏنو ويو تہ هي پاڪ ۽ خوشبوءِ دار شراب آهي. ان کي پيئڻ سان نشو ڪونہ ٿيندو آهي. هڪڙي ڀيري ڏٺم تہ هڪڙو سهڻو وڻ آهي. ان جون ٽاريون ايڏيون تہ پکڙيل ۽ وڏيون آهن. جو هزارين ماڻهو ان جي ڇانو ۾ ويهي سگهن ٿا. ڪڏهن سهڻا باغ ڏسندو هوس. مون کي اتي هميشہ الله اڪبر الله اڪبر جون ٿي ٿي صدائون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون. مون کي ڪڏهن بہ پاڻ الله اڪبر چوڻ چڱو نہ لڳندو هو تہ هو مون کي ڪٺي سرڳ مان ٻاهر ڪيدي اچلائي ڇڏيندا هئا. ان وقت منهنجي اک کلي پوندي هئي ۽ آئون پاڻ کي کٽ تان هيٺ ڪريل ڏسندو هوس.

هڪڙي دفعي پاڻ کي سورڳ ۾ ڏٺم ۽ اتي مون لا الہ الا الله چيو تہ چوڏاري چوڪرا چوڪريون ڊوڙي آيا ۽ منهنجي خدمت ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح ڪافي ڏينهن لنگهي ويا. گجرات ۾ فساد جاري هئا. ڪنهن ڪنهن مهل مون کي اندر ۾ ائين لڳندو هو . جڻ آئون مسلمان آهيان. مسلمانن جي

قتل عام جو ٻڌندو هوس تہ دل اندر ڏک محسوس ٿيندو هو. هڪڙي دفعي بيجاپور ويس، اتي مسجد ڏٺم. اتي جو امام صاحب سهارنپور جو هو. هو هرياڻا ۾ مولانا ڪليم صاحب سان ڪم ڪري چڪو هو. ان ڪي مون پنهنجو سمورو احوال ٻڌايو. هن چيو تہ الله جو توهان سان وڏو پيار آهي، جيڪڏهن توهان سان پيار نہ هجي ها تہ ٻين ساٿين وانگر توهين بہ دوزخ ۾ پيا سڙندا رهو ها. توهين ان رحمت جو قدر ڪريو ۽ اسلام قبول ڪريو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ بابري مسجد ڪي شهيد ڪرڻ وارن مان سڀ کان اڳ ڪوڏر هلائڻ وارا ٻہ نوجوان بہ اسان جي مولانا صاحب ( مولانا ڪليم صاحب ) جي هٿ تي مسلمان ٿي چڪا آهن. شايد توهان ڪي بہ الله تعاليٰ هدايت ڏئي، سچي رستي تي آڻڻ چاهي ٿو. ان ۾ دير ڪرڻ نہ گهرجي، هرياڻا جي ٻن ٽن ڊاڙيلن جا بہ قصا ٻڌايائين. خوابن کان اڳ مون ڪي اسلام کان چڙ لڳندي هئي. ٺاڪر ڪاليج ۾ ڪنهن مسلمان ڪي داخلا وٺڻ ڪونہ ڏيندو هوس. پر خبر نہ آهي تہ ڇو هاڻي اسلام جي هر ڳالهہ مون ڪي سٺي لڳندي هئي، بيجاپور مان ٿي گهر آيس تہ ارادو ڪيم تہ مون ڪي هاڻي مسلمان ٿي وڃڻ گهرجي، نہ تہ پنهنجن ٻين ساٿين وانگر مون ڪي بہ نرڳ جي سزا ڀوڳڻي پوندي .

آئون احمدآباد جامع مسجد ۾ ويس ۽ اسلام قبول ڪري ورتم. مولانا صاحب مون ڪي گهروارن کان اسلام ڪي لڪائڻ جو چيو هو. احمدآباد مان مون " رهبر نماز " ڪتاب خريد ڪيو ۽ گهر ڪٽي آيس ۽ نماز ياد ڪرڻ لڳس. آهستي آهستي نماز ياد ٿي وئي، پوءِ لڪي نماز پڙهڻ شروع ڪيم. امتحانن کانپوءِ گرمين جي موڪل ٿي تہ مون جماعت ۾ وڃڻ جو پروگرام بنايو. گهروارن کان گوا گهمڻ جو ٽڪيٽ ٺهرائي، پنهنجي هڪڙي دوست ڪي اوڏانهن موڪلي ڇڏيم ۽ منهنجو چلو بڙودا ۾ لڳو " فضائل اعمال " ۽ مرنے کے بعد کیا ہوگا' ڪتاب پڙهيم. جڏهن ڪتاب ۾ جنت دوزخ جو احوال پڙهندو هوس تہ مون ڪي ائين پئي لڳندو هو . ڄڻ اهو سڀ منهنجو



اکين ڏٺو احوال آهي، چلو پورو ڪري گهر آيس، لڪي لڪي نماز پڙهندو هوس. هڪڙي ڏينهن اسان جو نوڪر وريندر سنگهہ اوچتو ڪير ڪٽي منهنجي ڪمري ۾ آيو. هن مون ڪي نماز پڙهندي ڏسي ورتو ۽ پتا جي ( والد صاحب ) ڪي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيائين، پتا جي ڪي ٿورو ٿورو شڪ اڳ ۾ ئي ٿي ويو هو. ڪاليج مان موٽيس تہ پتا جي دروازي تي ئي مون ڪي روڪي ڇڏيو ۽ چيائين تہ " اسان ڪي خبر پئي آهي تہ تون مسلمان ٿي ويو آهين. هاڻي يا تہ اسلام ڇڏ يا گهر ڇڏ. هڪڙي شيءِ ڇڏڻي پوندي، اهڙي اڌرم لاءِ هن گهر جا دروازا بند آهن. جڏهن آئون جماعت ۾ هوس تہ سوچيندو هوس تہ اسلام لاءِ جيڪڏهن مون ڪي ديس ڇڏڻي پوي تہ آئون خوشيءَ سان ويندس، مون سوچيو الله جو شڪر آهي جو اسلام منهنجي نس نس ۾ ويهي ويو آهي، جو جان ۽ اسلام مان ڪا هڪڙي شيءِ ڇڏڻي پوي تہ جان ۽ ساهہ ڇڏڻ مون لاءِ آسان ٿيندو. اسلام ڪي ڇڏڻ جو تصور بہ منهنجي لاءِ موتمار آهي، مون سوچيو تہ الله جي زمين تي آئون ڪيستائين گهٽجي گهٽجي جيئندس، من گهُر ڇڏي، رب گهري شيءِ تي جيئڻ جو نالو ئي تہ اسلام آهي، جڏهن من گهري ڇڏيم. تہ رب گهري لاءِ جن ( عوام ) گهري شئي ڪي ڇڏڻ ڪو ڏکيو ڪم آهي ڇا ؟

مون پتا جي ڪي پوري وشواس سان چيو تہ " جي اها ڳالهہ آهي تہ آئون گهر ڇڏيان ٿو. اسلام ڪي ڇڏيان، اهو خيال بہ منهنجي نظر ۾ حماقت آهي." منهنجو موبائيل فون منهنجو اي ٽي ايم ڪارڊ ۽ ڪريڊٽ ڪارڊ ڦري ورتائون، آئون احمد آباد ويس، اتي جوهاپور مسجد ۾ ويس. اتي سڀ ماڻهو ڊنل هئا، تنهن ڪري اتي رهڻ جي اجازت ڪونہ ڏنائون، اتان درياپور پراڻي مرڪز ۾ ويس، اتي منهنجا سرٽيفڪيٽ وغيره ڏٺائون، انهن فون ڪري منهنجي باري ۾ تحقيقات ڪئي، جڏهن انهن ڪي خبر پئي تہ منهنجو پيءُ اتي جو مشهور بي جي پي ليڊر آهي ۽ جيڪو هاڻي منتري ( وزير ) بہ ٿي ويو آهي تہ انهن بہ اتي رهڻ جي اجازت نہ ڏني ۽معذرت ڪري

ڇڏيائون، مون وٽ ماني لاءِ بہ پئسا ڪونہ هئا. مون هڪڙي چانهہ گهرائي ۽ بسڪوٽ ورتم ۽ بسم الله پڙهي يقين سان کاڌم ۽ دعا ڪيم تہ اي منهنجا الله! تون هر شيءِ تي قادر آهين، هن چانهن ۽ بسڪوٽ مان مون کي تن جي طاقت ڏي _ منهنجي رب جو شڪر آهي جو ٽن ڏينهن تائين مون کي بک ڪانہ لڳي، هڪڙي صاحب مون کي پالن پور موڪليو اتي هڪڙي حاجي صاحب چيو تہ جيڪڏهن سڌپور هليو ويندين تہ اتي تنهنجو بندوبست ٿي ويندو، آئون سڌپور پهتس،جتي مون کي راجستان ۾ نيو جيپور هوٽل ( جيڪا اجمير هاءِ وي تي آهي ) ڏانهن موڪليو ويو . هوٽل جي مالڪ ذڪرو پائي مون کي پاڻ وٽ 25 ڏينهن رهايو. نماز پڙهندو هوس، پنهنجي مرضيءَ سان هوٽل جو ٿورو گهڻو ڪم بہ ڪندو هوس، هو مون کي منع ڪندو هو، هن احمد پائي ڊيلڪس واري سان رابطو ڪيو، هو مولانا ڪليم صاحب جو خاص ماڻهو هو. هن مون کي ڦلت وڃڻ جو مشورو ڏنو، پتو ونئي آئون دهلي آيس ۽ سپ کان اڳ جامع مسجد پهتس، خيال ڪيم تہ اتان اسلام قبول ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ ٺهرائيندس تہ جيئن ماڻهو شڪ نہ ڪن، اتي ڪو بخاري صاحب امام آهي، هن مون کي جمع ڏينهن اچڻ لاءِ چيو، بهرحال آئون ڦلت آيس، هتي جو ماحول ڏسي ائين لڳو ڄڻ آئون پنهنجي گهر ۾ اچي ويو آهيان.

سوال: هتي اچي توهان کي ڪهڙي خاص ڳالهہ محسوس ٿي؟

جواب: هتي اسين سڀئي مولانا صاحب کي ابي جي چوندا آهيون، مون کي ڦلت اچي صحابہ ڪرام جا اهي قصا ياد اچي ويا، جيڪي مون پڙهيا هئا ۽ اسان جي نبي صلي الله عليہ وسلم جي زندگيءَ جون سپ حالتون اکين ڏٺيون پئي لڳيون، ڪڏهن ڪڏهن گهر ياد ايندو هو، مولانا صاحب جي باري ۾ جڏهن خبر پوندي آهي تہ هو اڄ سفر تان اچڻ وارو آهن تہ اڳ ۾ ئي خوشي محسوس ٿيڻ لڳندي آهي، مولانا صاحب آيو ۽ هٿ هلايم، هن مون کي ڀاڪرائتڙي پاتي تہ سمورا غم ڏوپجي ويا.



سوال : اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ توهين ڪيئن محسوس ڪريو ٿا؟ توهان جو ڇا خيال آهي تہ جيڪڏهن اسلام قبول نہ ڪريو ها تہ ڇا ٿئي ها؟

جواب : ڪفر تي مرڻ جو تصورّ تہ مون لاءِ دوزخ کان گهٽ ڪونهي ادا سائين! اهو تہ الله جو ڪرم آهي، نہ تہ پنهنجن ساٿين کان وڌيڪ آئون دوزخ جو حقدار هوس، آئون زمينداري ۽ مالداري جي گمان ۾ ڪهڙا ڪهڙا نہ ظلم ڪندو هوس، الله جي زمين تي هلندو هوس، هن جو ڏنل کائيندو هوس، هن جي عطا ڪيل بدن جا نہ رڳو حق ادا ڪونہ ڪندو هوس پر هن جي مرضيءَ جي بر خلاف هر ڪم ڪندو هوس. مون اسلام قبول ڪيو تہ هڪڙي ڏينهن گهر ۾ وشنو ڀڳوان جي مورت ڏسي رهيو هوس، مورتيءَ تي منهنجي ماءُ پرساد ( نياز ) چاڙهيو هو، ڏٺم تہ بہ ٽي ماڪوڙيون ان پرساد مان ڪٽا گهلي وڃن پيون. ٿوري دير ۾ ٻاهران هڪڙو ڪتو آيو ۽ ان اهو پرساد کائي ڇڏيو، سپ ڇتي صاف ڪري ٽنگ مٿي ڪري، ان تي پيشاب ڪري ويو . هو نہ تہ ماڪوڙين کي جهلي سگهيو . نہ ڪتي کي، مون کي پنهنجي عقل تي ڪل اچي وئي، ڏاڍو کليس، تہ سهيل جيڪڏهن مون تي الله جي مهرباني نہ ٿئي ها، ۽ مون کي هدايت نہ ملي ها، تہ آئون ڪيڏي نہ حماقت سان ان مورتيءَ اڳيان ڪنڌ نمائي بيٺو هجان ها. جڏهن بہ آئون پنهنجن هندو ڀائرن سان ڳالهيون ڪندو آهيان تہ مون کي اڃان بہ وڌيڪ افسوس ۽ حيرت ٿيندي آهي، هو چوندا آهن تہ ڏسو اسين جنهن ڀڳوان جي مورتيءَ جي پوڄا ڪريون ٿا، سو تہ اسان سان گڏ آهي، مسلمان جنهن خدا جي پوڄا ڪن ٿا تنهن کي ڪنهن ڏٺو آهي؟ آئون انهن کي چوندو آهيان،چڱو ٻڌايو . جنهن هوا ۾ ساهہ کڻندا آهيو، تنهن ۾ آڪسيجن آهي يا نہ؟ هو جواب ڏيندا آهن، جيڪڏهن آڪسيجن نہ هجي تہ هوند اسين مري وڃون، آئون چوندو آهيان تہ جنهن آڪسيجن ۾ ساهہ کڻندا آهيو، تنهن کي توهان ڏٺو آهي؟ هو چوندا آهن تہ اسين پنهنجي عقل سان محسوس ڪندا آهيون، آئون چوندو

آهيان تہ آڪسيجن کي تہ توهين بنا ڏٺي محسوس ڪندا آهيو ۽ يقين بہ ڪندا آهيو پر آڪسيجن پيدا ڪندڙ مالڪ کي نٿا محسوس ڪريو ۽ نڪي ان تي يقين رکو ٿا. افسوس آهي توهان جي عقل تي.

منهنجو ارادو آهي تہ معاملو ٿورو ٿڌو ٿئي تہ ورلڊ نيوز ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي موڪليندس. جيئن تہ اسان جي پريوار کي ساري علائقي ۾ هر طرح وڏو سمجهيو ويندو آهي. ماڻهو مون کي ڏسي سمجهندا هئا تہ تون سرڳ ۾ رهين ٿو اسلام جي نالي کان مون کي چڙ ونندي هئي. شايد جيڪو شبد ( لفظ ) منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ گهوڙان ( نفرت وارو ) هوندو هو. سو هو مسلمان. پر جڏهن حق آيو ۽ منهنجي عقل تان پردا هٽي ويا تہ هاڻي خيال ڪريان ٿو تہ پنهنجي سچي مالڪ کي. سندس مرضي نہ مڃي. آئون ڪهڙي نہ نرڳ ۾ رهان پيو. هاڻي سڀ کان پيارو لفظ جيڪڏهن ڪو آهي تہ مون لاءِ اهو اسلام آهي. جيڪڏهن ڪو مون کان اسلام ۽ مسلمان جي نالي تي جان ۽ رت گهري تہ آئون پاڻ کي سڀاڳو سمجهي ڏيندس. انهيءَ ڪري آئون ماڻهن کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ ماڻهو سمجهن تہ اهڙي وڏي گهر جو ڇوڪرو ڪنهن لالچ جي ڪري اسلام ۾ ڪونہ آيو آهي. اسلام حق هوندو. تڏهن تہ هن پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي اسلام قبول ڪيو آهي.

سوال: توهان پنهنجن گهر وارن لاءِ ڪو فڪر ڪيو آهي؟

جواب : رت جو رشتو هڪڙو جذباتي رشتو هوندو آهي. پنهنجي گهر وارن کي آئون ڏاڍو ياد ڪريان ٿو ان کان بہ وڌيڪ مون کي انهن جي موت جو گهڻو اونو آهي. هينئر تہ مون لاءِ انهن سان رابطو رکڻ سولو ڪونهي. البتہ آئون انهن لاءِ دعا ڪريان ٿو مون ابي جي ( مولانا ڪليم صاحب ) کي بہ دعا لاءِ عرض ڪيو آهي. مون کي يقين آهي ۽ انهن مون سان واعدو ڪيو آهي ۽ مون کي پاڻ چيو اٿن تہ آئون دعا ڪندس. الله سائين. مولانا صاحب جي دعا قبول فرمائيندو ۽ انشاء الله منهنجو پورو پريوار ( ڪٽنب ) اسلام جي ڇانو هيٺ اچي ويندو. هڪڙي ڏينهن مون ابي جي مولانا ڪليم



صاحب کي عرض ڪيو تہ توهان منهنجا گرو آهيو منهنجا پيءُ آهيو سڀ ڪجهہ آهيو آئون ڪا شيءِ توهان کان گهرندس تہ توهان مون کي ڏيندا؟ منهنجو نالو مولانا احب. سهيل خان رکيو هو منهنجي دل چوي ٿي تہ منهنجو نالو توهان سان جڙيل رهي. جڏهن توهان منهنجي لاءِ ابو امان آهيو اصل ابي امان تہ مون کي ڌڪا ڏيئي گهر مان ڪڍيو آهي تہ هاڻي توهين منهنجي لاءِ ابي امان کان بہ وڌيڪ آهيو تہ جيڪڏهن آئون پنهنجو نالو سهيل صديقي رکان تہ ان جي مون کي اجازت ڏيندا؟ مون کي اميد آهي تہ جيڪڏهن آئون پنهنجو نالو سهيل صديقي لکڻ لڳندس تہ مولانا ڪليم صديقي وانگر الله سائين مون کي بہ ماڻهن جي هدايت جو وسيلو بنائيندو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي پريوار لاءِ تہ اسلام جو فيصلو ٿي ويندو انشاء الله. ابي جي چيو تہ " پٽ سچي ڳالهہ پڇو تہ اجا ڪليم صديقي پاڻ بہ صحيح مسلمان ڪونہ ٿيو آهي. اصل ڳالهہ اها آهي تہ اسان جي نبي صلي الله عليہ وسلم اسان کي خبر ڏني آهي تہ قيامت کان اڳ هر ڪچي پڪي گهر ۾ اسلام داخل ٿي ويندو اها خبر تہ سچي ٿيڻي آهي. نالو ڪليم صديقيءَ جو مشهور جو مشهور پيو ٿئي. مون جهڙي حقير. ڪين جهڙي ماڻهو سان نسبت رکي ٻين کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ اصل ۾ هي صديقي جو لفظ نسبت آهي حضرت ابوبڪر صديق ڏانهن. جنهن بنا چو چا چوڻ جي شروع ۾ ئي الله جي رسول صلي الله عليہ وسلم جي تصديق ڪئي هئي. توهين اها نيت ڪري پنهنجو پاڻ کي سهيل صديقي لکندا ڪريو " ان ڪانپوءِ آئون پنهنجو نالو سهيل خان جي جاءِ تي سهيل صديقي ٻڌائيندو آهيان.

سوال: مسلمانن لاءِ ڪو پيغام ڏيندا؟

جواب : ماڻهو سفر ڪري ٿو ريل ۾ ٻن ٽن ڪلاڪن جو سفر هوندو آهي ڪڏهن ڪڏهن تہ ريل ۾ ٽي چيڪنگ ٿيندي آهي. نہ تہ جڏهن اسٽيشن جي گيٽ تي گهر وڃڻ لاءِ ماڻهو ايندو آهي تہ ٽڪيٽ چيڪ ٿيندو آهي. هن دنيا جي ريل ۾ آخرت جي گهر ڏانهن ويندي دروازي تي ٽڪيٽ

جي چيڪنگ ضرور ٿيندي آهي، ۽ هتي جو ٽڪيٽ ايمان آهي، ايمان بنا، بنا ٽڪيٽ مسافر وانگر ماڻهوءَ کي نرڳ ( دوزخ ) جي جيل ۾ وجھڻو پوندو، تنهنڪري اسان کي ساري دنيا جي انسانن کي اهو ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ چوڻ ته گهرجي، اسلام اهڙي سچائي آهي ته جيڪڏهن اها ماڻهن تائين پهچي وڃي، ته هوند سڀني جو حال مون وانگر بدلجي وڃي، اسان مسلمانن تي اها ذميواري خاص طرح رکيل آهي، جنهن کي آخرت ۽ جنت دوزخ جو يقين نه اچي، سو منهنجي دل ڪان پڇي، ته دوزخ ڪيڏي نه خطرناڪ جاءِ آهي، (سيا ڪري محسوس ڪندي ) الله بچائي، الله بچائي. ۽ جنت اهڙي جاءِ آهي جو جيڪر ماڻهو ان لاءِ قربان ٿي وڃي.

سوال : توهان جي وڏي مهرباني، بيحد شڪريو السلام عليڪم

جواب وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته، في امان الله



پروفيسر مولابخش محمدي

# مولانا خير محمد نظاماڻي

سونهاري سنڌ جي پاڳ پ َري پونء ڪيترائي برک بزرگ، عالم فاضل ۽ انقلابي ذهن پيدا ڪيا.

اڄ اسان جنهن انقلابي ۽ اورچ ذهن جي مالڪ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون،ان درويش صِ فت عالم ۽ فاضل حيدرآباد ويجهو ڳوٺ ”نم ليار “ ۾ جنم ورتي،باب السلام سنڌ مان حقَ جي صداءَ بلند ڪئي. سندس نانءُ آهي مولانا خير محمد نظاماڻي، پاڻ انتهائي بي ڊپا، بهادر، درويش صفت،مرد قلندر ساري سنڌ ۾ شهرت ۽ مقبوليت ماڻي.

پاڻ سنڌ جا نامور اديب، عالم، شاعر، عظيم قلمڪار، دانشور ۽ اسلامي غيرت سان سرشار ٿي، پنهنجي سماج سڌار قلم جي ڪلڪ سان ڪيترن ئي معياري مئگزين، رسالن ۽ روزانه اخبارن جا ايڊيٽر بنيا. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي ادب تي ڪامل دسترس رکندا هئا. هن آدرشي انسان ۽ ادب جي عظيم تن آور درخت جي لکڻ جو انداز ۽ اسلوب برجستو، حميت ايماني سان سرشار ۽ سونهن پريو هوندو هو. منهنجي ته ساڻن صرف هڪ ملاقات ان وقت ٿي، جڏهن سن 1970ع ڌاري موصوف ” روزانه الوحيد “ جا ايڊيٽر هئا. جنهن ۾ روح پرور ”اداريه“ کان سواءِ ” منهنجو ساحل منهنجو ساگر “ ( از ساموندي ) ۽ تير ڪمان ” از تير انداز “ جهڙي نانءُ سان هن جا مقبول عام ڪالم شايع ٿيندا هئا. (واضح هجي ته الوحيد ۾ شائع ٿيندڙ اهي ڪالم مولانا خير محمد صاحب جا پنهنجا لکيل نه هيا بلڪ ساموندي جي نالي سان لکيل ڪالم بيدار مورائي صاحب مرحوم لکندو هو. جڏهن ته تير انداز سان لکيل ڪالم پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي جا هوندا هيا. محمد موسيٰ ڀٽو) جنهن ۾ هن سوشلزم سيڪولرزم ۽ نيشلزم ۽ الحاد جا وڪا پڌرا

ڪيا. انهيءَ عرصي دوران ان هڪ پيرو ارباب حاجي الهجڙيو جي قائم ڪيل مدرسي مظهر العلوم ستار آباد ٿرپارڪر ۾ پنهنجي لائق ۽ فائق، عالم فاضل دوست ۽ راقم الحروف جي استاد محترم مولانا محمد هاشم مرحوم ( متوفي سن 1989ع ) سان ملاقات جي غرض سان آيا، پوءِ انهي ” علمي بزم “ ۾ ٻن ڪلاڪن تائين جيڪا علمي ادبي فاضلانہ بزم رچايائون، ان جي اظهار لاءِ مون وٽ الفاظ ڪونهين. بس !

مون پسي ڏٺا ماءُ جنهن ڏٺو پرين کي.
تني سندي ڪاءَ ڪري نہ سگهان ڳالهڙي

هن جي پهرين ملاقات ئي مون تي انتهائي گهرو اثر ڇڏيو، پوءِ مون کي تہ سنڌ جي اديب جمال ابڙو جا اهي الفاظ ياد اچڻ لڳا تہ ” ڪي ڪي ماڻهو اهڙا تہ املهہ هوندا آهن، جو پهرين ملاقات ۾ ئي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ هو تہ ڪو ورهين جو وڇڙيل ساٿي وري مليو آهي “ پاڻ خوبصورت وجيهہ ، قدآور، ڀورو رنگ، سفيد سونهاري، سفيد شلوار ۽ قميص ۾ ملبوس، خوش پوشاڪ، خوش خصلت، نهايت نفيس، خوبصورت نقش ونگار ۽ نازڪ مزاج جو ڌڻي، چهري تي ملت مسلمہ جي زوال سبب پيڙاهہ جو احساس عيان نظر اچي رهيو هئن.

هو هڪ ئي وقت علوم اسلاميہ جي مڙني شعبن جو ماهر هو اعليٰ قسم جي قلم جو ڌڻي مثالي اديب ۽ شاعر هو دين ۽ مؤمنين لاءِ ڇپر ُ ۽ ڇانءَ نظر آيو. هن جيڪا علم، ادب، سياست ۽ سماجيات جي خدمت ڪئي سا تہ صدين تائين يادگار رهندي، جَ سَ َ تہ هجي اسان جي مانائتي مهربان، بزرگ ديني درد جي ڌڻيءَ ” حافظ محمد موسيٰ ڀٽو صاحب “ کي جنهن نظاماڻيءَ صاحب جون ناياب تحريرون، اداريں،تقريرن کي هڪ جاءِ تي جمع ڪري ”فرض ڪفايہ “ ادا ڪيو ، جنهن جي علمي خوشبوءَ مان اسان جو ايندڙ نسل بہ صدين تائين فيض ياب ٿيندو رهندو.



مولانا خير محمد نظاماڻي معصوم ذهن جو مالڪ، سادو، مگر حالات هٿان قدري جذباتي انسان هئا! دنيا جي چالاڪين، مڪارين ۽ عيارين کان تہ بنهہ اڻ واقف، فرشتا صفت انسان هئا! هو اسلامي افڪار و نظريات جي اشاعت لاءِ من تن ڌن جي ڪنهن بہ قرباني کان ڪونہ ڪيٻائيندڙ هڪ سچو ” مرد مجاهد “هو. هُو اڪيلائي پسند، نمود و نمائش کان ونئون ويندڙ هو ، هن جي حساس دل ۾ قدرت واري سچائي، اورچائي، اخلاص، ايثار ۽ حب رسول صلي الله عليہ وسلم ڪٽي ڀري هئي، مون کي تہ هن ساري سنسار ۾ هن جي جتي ۾ پير وجهڻ وارو ڪو هڪڙو بہ صحافي نظر ڪونہ ٿو اچي! ڪاش اسان هن املهہ انسان جي نقش قدم تي هلون تہ جيئن وري سچي ” سنڌ “ جي سونهن سوڀياءِ، سڳند ۽ سينڌ جي حقيقي سڃاڻپ ٿي سگهي ۽ سنڌ وري سنڌ واسين لاءِ ” باب السلام “ ۽ ” باب الامن “ بنجي پنهنجي انفراديت ثابت ڪري، هن جي سربستيءَ زندگيءَ جو عڪس ڪجهہ هن ريت هو.

مولانا خير محمد نظاماڻي، مولوي حاجي محمد سليمان نظاماڻي جي گهر سن 1908ع مطابق 1336هہ ۾ ڳوٺ ” نم ليار “ تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ اک کولي. سندس والد محترم پڻ پنهنجي تر جو عالم، عابد ۽ فقيهہ انسان هو. جنهن جي تربيت جي نتيجي ۾ ئي سندن فرزند پڻ علم جو وهائو ستارو ٿي روشن ٿيو. هو ننڍپڻ ۾ ئي ” تحريڪ قطع تعلقات “ ۽ ”تحريڪ خلافت “ جي ننڍين وڏن جلوسن ۾ هر هنڌ وڃي، ننڍيءَ عمر ۽ ننڍي قد جي ڪري ماڻهن جي ڪلهن تي ويهي تقريرون ڪري شعلہ بيانيءَ سان صداءِ حق بلند ڪندو هو. آخرڪار هن معصوم ذهن کي ” بغاوت “ جهڙي سنگين الزام ۾ سن 1923ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. جڏهن تہ سندس عمر عزيز اجان صرف چوڏهن (14) سال هئي. هو حيدرآباد جي ڪليڪٽر مسٽر بونس اڳيان پيشيءَ تي حاضر ٿيو. پوءِ ڪانئس سوال پڇيو ويو تہ تنهنجو نالو ڇا آهي ؟ مولانا خير محمد جواب ڏنو تہ ” آزاد “ سوال تنهنجي پيءُ جو نانءُ ؟

جواب " اسلام " تنهنجي ذات؟ " قطع تعلقات " سوال ڇا معافي گهرين ٿو ؟
جواب: بيڏوهي ڇا جي معافي گهري؟ سوال: ڀلا آزادي لاءِ ضامن ڪير اٿئو؟
جواب : منهنجو ضامن منهنجو خدا آهي!!

ڪليڪٽر ڪي ته ڏندين آڱريون اچي ويون. ٻئي ڏينهن سيني اخبارن اهي ئي سرخيون ڇمايون. الوحيد ۾ هندو اداريه لکيا ته " هڪ بهادر خلافتي ڇوڪرو " نظاماڻي جي ذهانت ڪي ڏسي ان دؤر جي برک وڪيل عبدالجبار نظاماڻيءَ سڄو خرچ پاڻ ڀري کين مولانا محمد صادق کڏي واري جي معياري مدرسي " مظهر العلوم " ۾ پڙهڻ لاءِ ڪراچي موڪليو ۾ کين ننڍپڻ کان ئي مطالعي جو بيحد شوق هوندو هو. پاڻ وطن جي آزادي لاءِ به وڏي جدوجهد ڪئي. اڳتي هلي ڪيترائي مقبول معياري رسالا ۾ اخبارون ڪڍيو, انگريز حڪومت خلاف مضامين, مقالات ۾ اداريه لکيا! نواب يوسف علي خان بلوچستان واري ته ڪيس سنڌ جي " ابو الڪلام آزاد " جو لقب ڏنو. سندن حياتي " انقلاب " جي عنوان سان آراسته هئي.

لکھتے رہے جنوں کی حکایت خوں چکاں
ہر چند اس میں ہاتھ ہمارے قلم ہوئے

پوءِ هن پنهنجي تڪميل تعليم پير جهنڊي جي مدرسه " دار الرشاد " ۾ فن رجال جي امام پير احسان الله شاه راشدي رح جن وٽ ڪئي, جتي هن کي امام تيميه رح ۾ امام ابن قيم رح جي ڪتابن جي مطالع جي عادت پئي, پوءِ حق گوئي جي پاداش ۾ حڪومت سندس هڪ رسالو بند ڪندي هئي ته هو ان کان به وڌيڪ معياري ٻيو مئگزين ڪيندو هو. سندس باقاعده صحافتي زندگيءَ جو آغاز سن 1930ع ۾ ماهوار " طالب علم " رسالي سان ٿيو. جنهن بعد ڪراچي مان هفتيوار " بيداري " نالي رسالو سن 1932ع ڏاري ڪڍيائون هو مصنوعي حج لنواري خلاف پڻ سن 1938ع تائين لڳو لڳ لکندو رهيو. جولاءِ سن 1935ع ۾ پندرهن روزه " خادم الاسلام " جو اجراء ڪيائون. سن 1939ع ۾ علامه مشرقي جي مشهور " خاڪسار تحريڪ " ۾



شموليت اختيار ڪيائون ۾ هن تي خوني حملا پڻ ڪرايا ويا. مگر الله تعاليٰ کيس محفوظ ۾ مامون رکيو.

چلی ہے رسم کہ کوئی سر اٹھا کے نہ چلے

مولانا خير محمد نظاماڻي جي حيات و خدمات تي لکندي سنڌ جو برک اسلامي درد رکندڙ محترم حافظ محمد موسيٰ ڀٽو کين هنن لفظن ۾ متعارف ڪرائي ٿو.

( مولانا خير محمد جي ) سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته سڄي ڄمار هو خدا جي در کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي آڏو نه جهڪيو. ڪئين ڀيرا اهڙا موقعا آيا, جو اخبار جي مالڪن جي پاليسيءَ جڏهن سندس اصول سان نباءِ ڪري نه سگهي ته هو ڇڏي هليو ويو ۾ مالڪن جي گهڻن ئي ايلاز منٿن باوجود هن وري ايڊيٽريءَ قبول نه ڪئي. اهڙين حالتن ۾ هو هفتن جا هفتا بک تي گذاريندو هو, کيس انهن فاقن ۾ جيڪا لذت ۾ سرور حاصل ٿيندو هو, دنيا جي ٻين نعمتن مان کيس ڪڏهن به ملي نه سگهندو هو. ( پرين جي پچار ص 351)

مولانا نظاماڻي صحافت سان نڀائيندي سن1953ع ۾ روزنامه "ڪاروان" پڻ آب ۾ تاب سان علمي دنيا ۾ آنڊائون. 1952ع کان 1953ع تائين ان وقت جي مشهور اخبار " مهراڻ " جا پڻ ايڊيٽر تي رهيا. بالآخر مولانا نظاماڻي 1970ع ۾ روزانه نئين "الوحيد " جي ادارات جا فرائض سنڀاليا جيڪا اخبار پڻ سال کان گهٽ وقت جاري رهي سگهي, ان ڪانسواءِ مولانا مرحوم " قرباني" ڪراچي, روزانه باب الاسلام حيدرآباد ماڻ پڻ شايع ڪئي. ڪجهه وقت لاءِ ته روزانه " غازي" حيدرآباد سن 1949ع ۾ پڻ جاري ڪيائون.

مولانا صاحب خاڪسار تحريڪ ۾ هجڻ دوران خانيوال اسٽيشن تي جون 1940ع ۾ سندن پوليس جي وڏي جٿي سان مقابلي ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ ايترو ته سفاڪانه انداز ۾ ماريو ويو, جيڪو پليٽ فارم رت ۾ رنگجي ويو ۾ پاڻ ٻارنهن (12 ) ڪلاڪن تائين بيهوش رهيا. هوش اچڻ تي

کين ٽن سالن لاءِ جيل جي سزا ڏني وئي. مختصر سندن پوري حياتي ابتلاء وآزمائش ۾ گذري.

خدا معلوم ڪنهن رنگين چمن ۾ چو نہ ڄاواسون
دامن صحراءَ ۾ ٽڙياسين خوشبو ئي اجائي وئي

مولانا مرحوم مڪي معظمہ ويو تہ اتي بہ سوا ٽي سال جنهن نموني درد ۽ پيڙاهہ بي سروساماني‌ءَ جو شڪار بنيا، اها رت روئاڙيندڙ حقيقت پڻ انتهائي تفصيل طلب آهي!!

ايستائين جو کين سڪل مانيون ۽ وٽن جا پن پڻ کائڻا پيا، پوءِ تہ سندن هندوستاني شهريت پڻ ختم ڪئي وئي. جيڪا سن بعد ۾ ان وقت جي مردم شناس وزير تعليم پير الاهي بخش پاڻ وڃي مڪي مڪرمہ ۾ ٻيهر بحال ڪرائي. پر پوءِ بہ کين باقي سزا ملتان ۽ حيدرآباد ۾ ڀوڳڻي پئي! مولانا مرحوم کي سچ چوڻ جي ڏوهہ ۾ ڇهہ مهينا قيد تنهائي ڪانسواءِ ٻارنهن ڪلاڪ روز چڪيءَ پيهڻ جي پيڙاهہ مان پڻ لنگهڻو پيو.

هرگز نہ ميرد آنکہ دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما

جتان ڪان آزاد ٿيندي ئي هن مرد مجاهد وري "باب الاسلام" اخبار ۾ آزادي جو سنيهو عوام تائين پهچائيندي، هن پاڻ کي بيباڪ ۽ بي ڊپو صحافي طور پنهنجو پاڻ مڃرايو. هو مصلحت سازي ڪان تہ بنهہ بي خبر رهيو. جنهن جي ثبوت لاءِ اڄ بہ هن جا اڻ انداز اداريہ، مضامين، مقالات ۽ روح پرور شاعري پڻ رڪارڊ تي موجود آهي. مولانا صاحب جتي فڪر انگيز نثر نويس هو، اتي انقلابي شاعر پڻ هو مولانا خير محمد نظاماڻيءَ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم پڻ ڪافي ڪيو. سندس لکيل ڪتابن مان "پيري مريدي بابت احڪام اسلام" "سورة الڪوثر جو منظوم تفسير" "دعوت حق" "سيف توحيد" سيف الموحدين. "مؤذن" ۽ "پاره عم جي الفاظ جون معنائون ۽ سمجهاڻيون" پڻ قابل ذڪر آهن. نظاماڻيءَ جي حياتي تي لکڻ



ڪو سولو ڪم ڪونهين. هي مهان انسان هڪ ادارو هو. هن جي تعليم ۽ تربيت ۾ امام ابن تيميہ رح، امام ابن قيم رح، مولانا آزاد رح ، ۽ مولانا مودودي رح جي تحريرن جو رنگ چڙهيل هو.

مولانا صاحب جن لنواريءَ جي مصنوعي حج خلاف جيڪو علمي، عملي ۽ قلمي جهاد مولانا احمد ملاح رح سان گڏجي ڪري ڪيو. اهو پڻ تاريخ جو اڻ مٽ حصو آهي.

خنجر چلے کسی پے تڑپتے ہیں امیر
سارے جہاں کا درد ھمارے جگر میں ھے

لواري جي جڙتو حج خلاف جتي سنڌ جي علماءَ صداءِ احتجاج بلند ڪئي، اتي پيچ جي مشهور عالم دين مولانا عبدالرحيم پڇمي رح ڪڇ جهڙي دور دراز سوين ميل مفاصلي تان مجاهدن جو ڏيڍ سئو ڪان مٿي قافلو پاڻ سان آڻي حق گوئي جو حق ادا ڪيو. ( الوحيد، 14 جنوري 1938)

مولانا نظاماڻيءَ جي سڄي حياتي ابتلاء و آزمائش جاکوڙ جفاڪشي، جهاد ۽ سرفروشيءَ ۾ گذري. مولانا مرحوم جي انقلابي سوچ ۽ لوچ، تحريرن ۽ تقريرن مان جتي الله جي وڏي مخلوق فائدو حاصل ڪيو، اتي هن جي ٻن ساٿين مان " محمد عثمان ڏيپلائي ۽ مير علي احمد ٽالپر ( سابق وزير دفاع ) سرفهرست هئا. مرحوم علي احمد ٽالپر تہ مولانا نظاماڻيءَ جي محبت ۾ ايترو تہ رڱجي ريٽو ٿيو، جيڪو هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ مرحوم مير رسول بخش خان ٽالپر ( سابق گورنر سنڌ کي دهليءَ ۾ علوم اسلاميہ حاصل ڪرڻ لاءِ " محمديات " جي مهان مصنف تفسير ابن ڪثير ۽ اعلام الموقعين جي مترجم خطيب الهند مشهور عالم دين مولانا محمد جو ناگڙي رح جي مدرسي رحمانيہ ۾ داخلا وٺي باقاعدي قرآن وسنت جي ٻارنهن مهينا تعليم حاصل ڪئي، پوءِ هن پنهنجي ڇهري کي نبيءَ جي سنت سونهاري سان پڻ سڄايو. بهرحال نظاماڻي زندگي جي هر محاذ تي دعوت حق پيش ڪئي.

جور کے تو کوہ گراں تھے ہم
اور جو چلے تو جان سے گذر گئے

هن مهل تہ مولانا نظاماڻي جو وجود مسعود اسان ۾ ڪونهي البتہ ”ڪينٽ بدين “ ۾ هن جي اخلاص مان 1976ع جي جوڙايل اسلامي اداري جي قديم عمارت ۽ ننڍڙي يادگار مسجد اجان زبون حالت ۾ ” نوادرات “ جي صورت ۾ موجود آهن. جنهن سان لڳ سنڌ جي برک عالم فاضل مولانا عبدالرزاق ابراهيمي نهڙيو جو 1997ع ۾ جوڙايل شاندار علوم اسلاميہ جو مرڪز مدرسو شمس العلوم ۽ پرشڪوه مسجد اڄ بہ مولانا خير محمد نظاماڻي لاءِ ” صدقي جاريہ “ جو ڏس پتو ڏئي رهيا آهن. بهرحال مولانا خير محمد نظاماڻي ڪير سڏائي؟

ورق تمام ہوا اور مدح باقی ہے
سفینہ چاہیے اس بحربیکراں کے لئے

هي نامور عالم فاضل اديب دانشور ۽ قلم ڌڻي 13 سيپٽمبر 1985۾ فاني دنيا کي الوداع چئي ويو، مالڪ حقيقي سان مليو. ڌڻي پاڪ شال سندن مدايون ميٽائي ۽ جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرماءِ آمين.

الله بس باقي هوس!

مپرس تاچہ نوشت است کلک قاصرما
خط غبار من ست ایں غبار خاطرما